

اڇا وار - ڪارا نيڻ



هري موٽواڻي
'سنڌي'

رام لعلچنداڻي



★ جنهن زندگيءَ ۾ غريبن جي خدمت نه ٿي، اها زندگي اجائي آهي.

★ جنهن تن مان ڪو ڪارج نه ٿيو، اهو تن اجايو آهي.

— سر ڳواسي رام بي. موٽواڻي

اڇا وار ڪارا ڀونئر

(۽ ٻيون ڪهاڻيون)

هري موٽواڻي "سنڌي"

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

ڪتاب بابت ...

سنڌي ادب ۾ ماهوار ادبي رسالو "ڪونج" پنهنجي اهم جڳهه ٿو والاري. ان زماني ۾ ماهوار ادبي رسالو "نئين دنيا" ترقي پسند سنڌي ليکڪن جو رسالو ليکيو ويندو هو. انهن ڪن ليکڪن محسوس ڪيو ته هڪ ٻيو ادبي رسالو به هجي جو ان ليک کان ٻاهر هجي ۽ اهڙو رسالو ڪونج ڪين سال ١٩٦٠ کان وٺي مليو. ۽ ان جو سمپادڪ آهي **هري موٽواڻي.**

هري موٽواڻي سانده پنجويهه سال هڪ سمپادڪ طور ٿي چالو سچالل هو. ٻر هن جو ڪهاڻين جو مجموعو **هڪ** لهر سال ١٩٧٥ ۾ ظاهر ٿيو. ۽ پوءِ ته هو ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو پئي رهيو آهي. گذريل ويهن سالن ۾ هن جا چار ڪهاڻي سنگره (هڪ لهر، ڌرتي، خوددار ۽ اڇا وار، ڪارا پونئر) ۽ ٽي ناول (اهو، اڄهو، پاڻيارا پکي) ۽ هڪ سفرنامو (جنڙيل جن سان جند) ظاهر ٿي هريءَ کي ادبي کيتر ۾ نه فقط هڪ چالو سچالل ليکڪ (ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس) طور پکو پختو ڪري بيهاريو آهي. سنڌي پڙهندڙن، ساهتين، ٻر همين ۽ ليکڪن کي قوي اميدون آهن ته هري گهڻو گهڻو اڳتي وڌي ويندو ۽ سنڌيءَ جي ارڪ ليکڪن ۾ اڳرو رهندو.

هري موٽواڻيءَ جون ڪهاڻيون، ڪالپنڪ ڪونه آهن. ٻر هن جيڪي ڏٺو ورتو آهي ان کي قلم دوارا چٽيو آهي، چترڪار ورش سان کي نظارا کي ڏيک چٽيندو آهي ته هري قلم دوارا کي حقيقتون کي گهٽنائون چٽيون آهن جي نه فقط پنهنجي وقت جو چتر آهن بلڪ سماج، انساني من جا به نقش آهن.

هري موٽواڻيءَ کي نه اسان ترقي پسند ليکڪن جي صف ۾ بيهاريندا سين ۽ نه وري سنڌيءَ جي رومانڪ

سلسلو

صفحو

ليکڪ جي ائڊريس :
۴، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ،
شهيد ڀڳتسنگهه مارگ،
ممبئي - ۴۰۰۰۲۳
فون : ۲۸۷۲۸۷۸

Achha Var, Kara Bhaunwar

Short Stories

By : Hari Motwani Sindhi

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market
Ulhasnagar-3
Phone: 544100

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printed by:
INQLAB Printing Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2.(Phone:540455)

Price: Rupees Thirty only

Year: July 1994

نغريبح

مون هن کي ٻري کان ڏسي ورتو هو. پر مون ڪيس نه ڏسڻ جو ڍونگ ڪيو. هن به مون کي ڏسي ورتو هو ۽ هن به مون کي نه ڏسڻ جو ڍونگ ڪيو. اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو هو. ڏٺو هو پر نه ڏسڻ جو ڏيکاءُ ڪيو هو. مان ان ڳالهه کان بي خبر هوس ته هن مون کي ڏٺو هو. شايد ته هن جو به ساڳيو ئي رد عمل هو ته هن مون کي نه ڏٺو هو. پر الائي ڪيئن، اسين ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ٿياسين ۽ هڪ ٻئي کي ائين ڏٺوسين ڄڻ ته هڪ ٻئي کي اوچتو ڏٺو هوسين.

شايد ائين ٺيڪ هو. نه چاهڻ جي باوجود ٿي ويو هو. اسان ٻنهي جون نگاهون هڪ ئي وقت، ان پاڇيءَ واري جي ٽوڪريءَ ۾ رکيل تازين ۽ ڳاڙهين گجرن تي پئجي وئون هيون. هوءَ ۽ مان هڪ ئي وقت گجرن واري وٽ پهچي ويا هئاسين.

سياري جي مند ۾ ڳاڙهيون ۽ تازيون گجرون کائڻ تي دل ٿيندي آهي. تنهن سواءِ گجرن جي پاڻيءَ واري سڪي ٻيل کٽائڻ، جنهن ۾ توري ساڻي ٿوم پيل هجي، منهنجي ڪمزوري هئي. مائيءَ سان گڏ کٽائڻ جي پاڻيءَ جون ونيون پري پئندس. جيڪڏهن اتفاق سان ڪڏهن مارڪيٽ وڃان، جيئن اڄ آيو هوس ۽ گجرون ڏسان ته پنهنجي پاڇين کان اڳ گجرون وٺان. ساڻي ٿوم به ڳولهي وٺان. پوءِ گهر اچي پڳونتيءَ کي سڏ ڪري چوان پهرين گجرن جي کٽائڻ سندي، ٿوم ڪٽي وجهه، سرڪو به وجهه ته جيئن سياڻي کائي سگهان. پڳونتي کلندي به نه چوندي به نه ٿرس، ٽڪڙ نه ڪر، گجرون

ڏور وارن ليکڪن جي قطار ۾، پر هو ئي هر عام پڙهندڙن، خاص پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي ۽ اهي هر صف، هر قطار ۾ ايندل، ليکڪ کي پڙهندڙ آهن.

هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون به ان ئي قسم جون آهن. اڇا وار، ڪارا پونئر ڪهاڻي کي توهان ڪهڙي درجي، ڪهڙي قسم ۾ رکندا؟

اسان سندس ٻيون ڪهاڻيون به ان نموني انساني سڀاءُ، من، سماج جي حقيقتن جو چتر آهن. وڌيڪ توهان پڙهو ۽ راءِ ڏاهيو. اسان.

سنڌي ٽائيمس آفيس.	نارايڻ ڀارتي
الهاسنگر-٣.	مکيه سمپادڪ
١٦ مئي ١٩٩٤ع	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

هري موٽواڻيءَ جا لکيل ڪتاب

١- هڪ لهر	(ڪهاڻيون)	١٩٧٥
٢- ڏرٽي	(،،)	١٩٨٣
٣- خوددار	(،،)	١٩٩١
٤- اُهو	(ناول)	١٩٨٨
٥- اجهو	(،،)	١٩٩٠
٦- پاڻارا ٻگي	(،،)	١٩٩٣
٧- جڙ پال جن سان جدل	(سفرنامو)	١٩٨٨

ٻ ڙائيندون ٺهرائڻيون هيون. جنهن لاءِ گهر آئي هئي. مان آفيس جو ڪم گهر ۾ ڪندو ته آهيان ليڪن ڪم وٺندو ۽ ڏيندو آفيس ۾ ئي آهيان. جيستائين ڀڳونتي چانهه وغيره کڻي اچي، مون هن کي ٻڌايو ته ڪم لاءِ ڪيس آفيس ۾ اچڻو پوندو. هوءَ ان لاءِ تيار هئي ۽ مون کان آفيس جو ڪارڊ ورتائين.

چانهه پي هوءَ هلي وئي ۽ ٻن ڏينهن بعد آفيس ۾ آئي. مون ڪانئس ڪم سمجهي ورتو ۽ هفتي بعد ٻڙائيندون کڻي وڃڻ لاءِ چيو. هفتي بعد آئي ۽ ٻ ڙائيندون ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. پيمينٽ لاءِ هن چيڪ بوڪ ڪڍيو ليڪن مون ڪيس ڪئش پيمينٽ لاءِ چيو. هن مرڪندي پرس مان پئسا ڪڍي مونکي ڪئش پيمينٽ ڪئي. ڪجهه ڏينهن بعد هوءَ ٻيو ڪم کڻي آئي ۽ ائين هوءَ منهنجي گراهڪ بڻجي پئي. هڪ دفعي هن مونکي پنهنجي هڪ ناٽڪ جون پاسيون ڏنيون. ڀڳونتي ۽ مان اهو ناٽڪ ڏسي آياسون. ناٽڪ گمڀير وشيه تي هو. ناٽڪ ۾ هن جو ڪم تمام سٺو هو. مون سندس اداڪاريءَ جي ساراهه ڪئي.

هڪ ڏينهن هوءَ آفيس ۾ آئي ته تمام سٺي موڊ ۾ هئي. ٻڌايائين ته ان ناٽڪ ۾ سٺي اداڪاريءَ سبب ڪيس انعام مليو هو. مون ڪيس مبارڪون ڏنيون ته چيائين، "اچو ته ان خوشيءَ ۾ توهانکي ڪافي پياريان."

مون کلندي چيو، "ڪافي ته مونکي پيارڻ گهرجي."

"ٺيڪ آهي، توهين پياريو، پر هتان ته هلو."

"هتي ئي ڪافي گهرائي ٿا وٺون، پٽ وٺان." مون سوچيو هتي ئي ڪم پتجي ته سٺو.

ڏوڻي، ڇلي صاف ڪريان پوءِ ڪٽائڻ وجهندس. پوءِ هوءَ ڳجرون ڪٽي رڌڻي ۾ وٺندي. هوءَ سمورين ڳجرن جي ڪٽائڻ نه وجهندي. ڪجهه بچائي، لڪائي رکندي ۽ منهنجي آفيس وڃڻ بعد انهن ڳجرن جو سيرو ٺاهيندي. کير مان ماٺو ٺاهي اهو به وجهندي. مٿان ٿورو سڪو ميوو به وجهندي. رات جو جڏهن ماني کائي اٿندس ته ٽيريءَ ۾ گرم گرم ڳجرن جو سيرو آڻي هٿ ۾ ڏيندي. مان سندس منهن ۾ گهوريندس ته هوءَ مرڪندي، سيري جو چمچ ڀري منهنجي وات طرف وڌائيندي. ڳجرن جي ڪٽائڻ منهنجي ۽ ڳجرن جو سيرو هنجي ڪمزوري هئي. اڄ سير ڏيوس ته اڄ سير ئي کائي وٺندي. ڏڍهن ئي ته ٻڌن جي ٻرٻل هئي.

پڳونتي منهنجي زال هئي. هئي لن ڪري جهڙو هيڻئر ڏنڊيل پن مهڻن کان مون سان وڙهي، رسي، پيڪن ۾ وڃي رهي هئي. ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ ئي سندس پيڪا آهن، ڏن ٻلاڪن ڪانپوءِ، جتان مون لنگهڻ ڇڏي ڏنو آهي.

مونسان گڏ صرف منهنجي ماءُ رهندي هئي. پڳونتي جي ٻيءَ ڪي ماءُ پسند اچي وئس. هن ماڻئي چوائي موڪلي. مون ماءُ سان ڳالهه ڪئي جنهن هڪدم ها ڪئي. اسان وچاري ڳوڻن جي سور کان هلاڪ هئي ۽ رڌ پچاءُ نه پئي ڪري سگهي. اسانجو مڱڻو ٿيو ۽ شادي به جلد ٿي ٿي. سڀ ڪجهه ڪالونيءَ ۾ ئي ٿيو. هوءَ نوڪري ڪندي هئي ۽ شاديءَ بعد به نوڪري ڪرڻ لڳي. مونکي پنهنجو اسڪوٽر هو جنهن مان پنهنجو ڪم ڪندو هوس. اسان جي شاديءَ کي ٽي سال گذري ويا.

هڪ ڏينهن اسانجي گهر هڪ ڇوڪري آئي. ڇهانين هوءَ ناڪن ۾ ڪم ڪندي آهي. ڪيس ناڪن نه ڪجهه.

"مطلب نه سمجهيم!"

"ماڻهو تفريح لاءِ ٻاهر گهمڻ ڇو ويندو آهي؟ گهر ڇڏي، هوٽل ۾ کائڻ ڇو پسند ڪندو آهي؟ جسٽ فار چينج لاءِ! اُن ۾ ڪهڙي برائي آهي؟"

"اڇا واضح ڪر!" مون سگريٽ دکائي آڱرين ۾ جهليو.

هوءَ ڪا ساعت خاموش رهي. پوءِ چوڻ شروع ڪيائين، "نريندر ۽ مان ناٽڪن ۾ ڪم ڪندا آهيون. اسانجو هڪ ٻئي سان پيار ٿي ويو. شاديءَ جي هڪ سال بعد هو هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ ۾ چاهه وٺڻ لڳو. مونکي خراب لڳو. مون کيس چيو، هو ٺيڪ نه ڪري رهيو هو. هن چيو، هو روڻن جو قائل نه هو. چيائين، جيئن اسين ناٽڪن ۾ مختلف ڪردارن جا رول ادا ڪريون ٿا، پوءِ ٻم ۽ ٻيا ٻر ٻنچ ڪريون ٿا، ته اهي ساڳيا رول زندگيءَ ۾ ڇو نٿا ڪري سگهون، جڏهن ته زندگي به هڪ ناٽڪ آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجا پنهنجا پارٽ ادا ڪري رهيا آهيون. تڏهن مون کيس چيو، جيڪڏهن توکي اهو حق هو، ته مونکي به اهو حق هو. هو کليو هو، ۽ چيو هئائين تہ هو ان معاملي ۾ لبرل هو، ته مونکي به اهڙو حق هو. اُن بعد اسان ٻئي پنهنجو پنهنجو حق ماڻيندي، هڪ ڇت هيٺ گڏ رهي رهيا آهيون، بلڪل آزاد! اسين چاهيون ته ٻاهر وڃي ڪانئون پيئون. ڪنهن تي ڪو بندش ڪونه هو. اسين ٻئي اهڙيءَ زندگيءَ تي هري ويا آهيون."

هوءَ پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ويئي، پوءِ به مان اڃان تائين سمجهي نه سگهيو هوس ته هوءَ مونکي اهو سڀ ٻڌائي، مون مان ڇا چاهي رهي هئي. مون پنهنجي طرفان چيو، "سچي ڳالهه ايڊجسٽمينٽ جي آهي.

"توهين آرٽسٽ ڪيئن ٿيا آهيو؟ پٽ جي ڪافي ته ڪا ٻيڻ جي چيز آهي!"

"پوءِ ڪٿي هلون؟" مون اُٿندي پڇيو.

"گيلارڊ، چرچگيٽ."

"اُٿو پوءِ!"

"وڌيڪ ڪجهه نه پڇو. اڄ توهين مونسان گڏ آهيو."

اسين ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي چرچگيٽ وٽ، گيلارڊ ۾ آياسين.

عجيب ڇوڪري هئي. جيتري ٻاهران عجيب هئي اوترو ئي سندس ڳالهيون عجيب هيون. ڪافي پيئندي چيائين، "مسٽر ڪرپلاڻي، مان توهان کان هڪ ڳالهه پڇڻ ٿي چاهيان. ڇا توهين روزن لائيف ۾ ڪا چينج نه چاهيندا آهيو؟"

مون هن جي ڳالهه جو پورو مطلب نه سمجهيو. تنهنڪري سندس منهن ۾ نهاريم.

"ڇا توهين ساڳي ڊرائين، ساڳي پينٽنگ، ڏاهڻ پسند ڪندا؟ جي نه نه، توهين زندگيءَ ۾ ٻيو سڀ ڪجهه ساڳيو ڪيئن ٿا برداشت ڪريو؟ ڇا توهين اُن ۾ ڪجهه نئون، ڪجهه تازو جوڙڻ نٿا چاهيو؟"

مون هن جي ڳالهه جو مطلب اڃا ٺائين نه سمجهيو هو. تنهنڪري چيم، "اسين وچولي طبقي جا ماڻهو نئين پراڻي ءِ گهٽ سوچيون ٿي ڪين. اسانکي جيڪي ملي ٿو اُن تي راضي ٿي وڃون ٿا."

"اها ته محدوديءَ جي نشاني آهي. هار مڃي ويهڻ رهڻ جي اقرار آهي. ڇا توهانجو آرٽسٽ من ڪڏهن نه چاهيندو آهي ته روزن کان هٽي ڪجهه ڪجي، ڪجهه ماڻهي، ڪجهه ڏائجي!"

هئي. شايد سندس ماءُ ٺيڪ ڪانه هئي. ٻاهران سوچيم مان ته ساهورن مان ٿي اچان پر پوءِ خيال ئي لاهي، ماني کائي، سمهي پيس. ليڪن ننڊ ڪانه آئي. سڄي رات اُن هڪ لفظ، تفريح تي منهنجي ذهن ۾ واچوڙا لڳندا رهيا.

اُن تفريح جي هن طرفان مونکي کليل دعوت هئي، اهو هنجي نگاهن مان ظاهر هو!

منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻيو سوال به اڀريو. ڀڳونتيءَ کي خبر پئجي وڃي ته؟ ۽ جي هوءَ به چوي ته هنکي به حق هو، ته پوءِ؟ ڇا هو ساڳيو حق ڀڳونتيءَ کي ڏئي سگهندو؟ جيڪو حق مرد کي آهي، اهو ساڳيو حق عورت کي ڇو نه آهي؟ نرمل ۽ هن ڪيئن هڪ ٻئي کي اهو حق ڏئي ڇڏيو هو! ليڪن هن جو من ڇا ان اسٿتيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هو؟ هن جي ليکي سماج اُن تارازيءَ مثل هو، جنهن جو هڪ پڙ پرش ۽ ٻيو پڙ استري هو. ٻئي پڙ اگر ميزان ۾ آهن، برابر آهن، ته ٺيڪ هو. پر جي ڪنهن ٻــڙ ۾ وزن پئجي وڃي ته اهو پڙ هيٺ جهڪي پوندو، ميزان هيٺ مٿي ٿي ويندو. ته ڇا هو هيٺ نمي وڃي؟ هن جو هيٺ جهڪڻ معنيٰ ڀڳونتيءَ جو مٿي اڀري اچڻ! ڇا هو چاهيندو ته هو ذليل هجي ۽ ڀڳونتي هن کان مٿي هجي؟ تارازيءَ جا ٻئي پڙ تڏهن برابر هوندا جڏهن انهن ٻنهي پڙن مان ڪنهن هڪ پڙ ۾ ڪو به وزن، ڪاٺ ڪانه هوندي.

ٻئي ڏينهن آفيس مان موٽيس ته ڀڳونتي بيڊ روم ۾ سمهي پيئي هئي. نه ته هميشه مونکان بريف ڪيس وٺندي هئي ۽ مرڪندي چانهه ٺاهڻ ويندي هئي. مون سوچيو شايد سندس طبيعت ٺيڪ ڪانه هئي. مون بيڊ روم ۾ وڃي بريف ڪيس رکيو ۽ پلنگ جي ويجهو وڃي سندس چيلهه جي کليل حصي

توهان ٻڌي ان ڳالهه تي ايڊجسٽمينٽ ڪري ورتو آهي.
جيڪڏهن ائين نه ڪريو ها ته گڏ رهي نه سگهو ها. دراصل
اڄ اسين جنهن زماني ۽ فضا ۾ رهون ٿا، ان ۾ عورت
۽ مرد جي وچ ۾ رشتا اڳ جهڙا پختا ڪونه رهيا آهن.
نتيجي ۾ اهي روز بروز ڪمزور ٿيندا پيا وڃن، جنهن
کي توهان ٽيڪ اٽ فار گرانٽيڊ ڪري ڪيو آهي!"

"تون، هڪ آرٽسٽ، تون جيڪر ان ٽيڪ اٽ فار گرانٽيڊ
کي ٻيو ڪهڙو نالو ڏين ٿا؟"

مون هڪ منٽ سوچيو. پوءِ ڪلهن ۾ چيم، "تفريح! اها
هيئن جيئن ڪو ماڻهو هوا پاڻي بدلائڻ ڪنهن هل اسٽيشن
تي وڃي يا ڪو ماڻهو دال ماني مان بور ٿي ڪنهن فائيو
اسٽار هوٽل ۾ ڊنر کائڻ وڃي!"

اوچتو هن مون کان هڪ اهڙو سوال پڇيو جنهن لاءِ مان
تيار نه هوس. چپن تي مرڪ آڻي پڇيائين، "تون ڇا ڪڏهن
روٽين مان بور نه ٿيو آهين؟ تو ڇا ڪڏهن تفريح نه چاهي
آهي، جسٽ فار چينج؟"

اهو سوال سڄي رات منهنجي ذهن ۾ جواب جي تلاش
ڪندو رهيو. اسين ٻئي ٽئڪسيءَ ۾ موٽي رهيا هئاسين ۽
هوءَ مون سان لڳي ويٺي هئي. منهنجي ذهن ۾ هر هر
هڪ ئي سوال اڀري رهيو هو ته ڇا هن به اهڙي تفريح
چاهي پئي؟ مون هن جي چهري طرف نهاريو. هوءَ مرڪي
رهي هئي. هوءَ ڄڻ مونکي تفريح جو ٿورو ڏئي رهي
هئي. مون منهن ڦيرائي دريءَ کان ٻاهر نهاريو هو. ٽئڪسي
ڇوواٽي وٽ، ريڊ سگنل تي بيهي رهي هئي.

مان گهر موٽيس ته پڳو نتي ڏهر ۾ ڪانه هئي. اميءَ
ٻڌايو ته هوءَ پيڪي وئي هئي ۽ رات رهڻ جو چئي وئي

هن جهٽڪي سان مهدجو هٿ هٽايو ۽ وڏي آواز چيو، ”ڪالهه جڏهن ڇوڪريءَ کي ٽئڪسيءَ ۾ گڏ ويهاري ويٺو هئين، جڏهن کي پيار وچان ڇاتيءَ سان لڳائي رهيو هئين، اهو ڇا هو، اهو گناهه نه ته ڇا نيڪ ڪم هو؟“

اڇا ته اها ڳالهه هئي! شايد اسان کي ڪنهن ڏسي ورتو هو ۽ پگهوتيءَ کي اچي ٻڌايو هو. پر مان هن کي ڇاتيءَ سان لڳائي ويٺو هوس، پيار جون ڳالهيون پئي ڪيم، اهو ته سراسر غلط هو. پر هاڻ ان ڪوڙ ۽ غلط ڳالهه کي هو سچ ڪيئن ثابت ڪري؟ چپ رهڻ ڏوهه قبول ڪرڻ برابر هو، تنهن ڪري چيم، ”هوءَ منهنجي ڪلائينٽ آهي، هڪ دفعو گهر ۾ آئي هئي ۽ تو کيس چانهه نه پيئاري هئي.“

”تون گراهڪن کي چوندو آهين ته آفيس جو ڪم آفيس ۾، پوءِ آفيس کان ٻاهر هوءَ تو سان گڏ ڇو هئي ۽ تون کيس ٻانهن ۾ ڀري ڇو ويٺو هئين؟“

”اهو نسورو ڪوڙ آهي، آئين هرگز ڪونه هو!“

”اهو ڪوڙ نه، سچ آهي ۽ جڏهن توهان کي ڏٺو، تنهن مونکي بلڪل سچ ٻڌايو آهي!“

”توکي جنهن نه ٻڌايو آهي، غلط ٻڌايو آهي. مون تي وشواس ڪر، اهو بلڪل ڪوڙ آهي!“

”اهو سڀ مونکي سويتا ٻڌايو آهي. هوءَ بس ۾ هئي ۽ توهين ٽئڪسيءَ ۾ هئا. بس ۽ ٽئڪسي سگنل وٽ بيٺيون هيون. هن بس ۾ ويهي سڀ ڪجهه ڏٺو هو!“

سويتا پگهوتيءَ جي ننڍي ڀيڻ هئي. هوءَ بس ۾ ايندي ويندي هئي. ان ڪري هن ڀيڻ کي جيڪي ٻڌايو هوندو، ان کي هن سچ سمجهيو هوندو. جڏهن ته اهو سچ نه هو! پر سوال هو ته ان کي ڪوڙ ڪيئن ثابت ڪجي؟ ڪنهن

تي هٿ رکيم. مون سمجهيو هوءِ ڇرڪ ڀري اٿندي پر هن پاسو به نه ورايو. مان هن جي پاسي ۾ ويهي رهيس ۽ کيس پاڻ طرف موڙڻ جي ڪوشش ڪيم. هوءِ جاڳي رهي هئي، اها پڪ هئم پر نه به هن پاسو نه ڦيرايو. هڪ دفعو وري ڪوشش ڪيم. هن دفعي سندس ڇيلهه وٽ ڪتڪتائي ڪيم. هوءِ أچانڪ اٿي ويٺي ۽ منهنجو هٿ پري ڌڪي، غصي ۾ چيائين، ”پري ڪر پنهنجو اهو غليظ هٿ.“

مون کي هن جي اهڙي وهنوار جي أميد ڪانه هئي. مان پڇونٽيءَ جو منهن تڪڻ لڳس. هوءِ منهن ڦيرائي روئڻ لڳي. مان سوچڻ لڳس ته آخر اهڙو ڇا ٿيو هو، جنهن سبب هوءِ ايترو اکڙيل هئي! مون سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيم، ”آخر ڳالهه ڪهڙي آهي؟ ڇا أميءَ ڪجهه چيو اٿيئي؟“

پر پڇونٽي صرف روئندي رهي.

”آخر ڪنهن تي ناراض آهين؟“ مان سندس سامهون وڃي ويٺس.

پر هن ڪنڌ مٿي نه ڪيو.

”لڳي ٿو تون مونتي ناراض آهين. پر مون ڇا ڪيو آهي، ڪا خبر نه پوي!“

اوچتو هن ڪنڌ مٿي ڪري مون طرف نهاريو.

”بابا مون کان ڪهڙي خطا ٿي آهي.“

”صرف خطا ٿي نه، ڀاري گناهه پڻ“ هن وري سڏڪو ڀريو.

هن جي ڳالهه ٻڌي مان سوچ ۾ پئجي ويس. مون کان ڪهڙي خطا، ڪهڙو گناهه ٿيو هو؟ کيس ڌونڌاڙيندي چيم، ”بنا ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪيئن پتو پوندو ته مون کان ڪهڙو گناهه ٿيو آهي. أهو به ڀاري گناهه!“

تي، اهوئي سامهون آيو. اهڙي ڳالهه ڪو به مرد ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيو ته جيڪا تفريح هو چاهي رهيو هو، اها ساڳي تفريح يا اُن جو حق عورت به ماڻي!

مون کي ڪاوڙ وٺي ويئي. چيم، ”پڳوڻتي توکي شرم اَچڻ گهرجي اهڙي ڳالهه چوندي!“

”۽ توکي ڇا اهو واجب ٿو لڳي ته گهر ۾ زال ويٺي هجي ۽ تون ٻاهر پيو موج ڪرين!“

”مان چوان ٿو اهو ڪوڙ آهي!“

”مان چوان ٿي اهو سچ آهي!“

منهنجو پارو چڙهي ويو. مان آپي مان نڪري ويس. مون هڪ چماٽ پڳوڻتيءَ کي هڻي ڪڍي. هوءَ ٻئيءَ ڀر بستري تي وڃي ڪري. هنجي وات مان صرف هڪ چيخ نڪتي جا مون ٻيڊروم مان ٻاهر ويندي ٻڌي. مـان اوڏيءَ مهل ئي هيٺ لهي ويس ۽ رات جو دير سان گهر موٽيس. اَميءَ کي ننڊ هئي ۽ ٻيڊروم خالي هو. اميءَ کي اُٿاريم جنهن ٻڌايو ته ڪنوار هنجي وڃڻ بعد، ڪلاڪ کن کانپوءِ ساڳين ڪپڙن ۾ هلي ويئي هئي.

اها سڄي رات مان سمهي نه سگهيو هوس.

ٻه مهنا گذري ويا. نه هوءَ آئي ۽ نه مان ئي کيس وٺڻ ويس. اميءَ ڪيترا دفعا چيو ته مان ڪاوڙ ڇڏيان ۽ پڳوڻتيءَ کي وٺي اچان. هوءَ ان ڪري به زور ڀريندي رهي هئي ته ٻئي وقت ماني تيار ڪندي هوءَ اُڪجي ٿي پيئي. مان اميءَ جي تڪليف گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا دفعا رات جـي ماني هوٽل تان کائي ايندو هوس.

اَمي پڙهيل ڳڙهيل عورت هـئي. هڪ ڏينهن چيائين، ”پٽ، تون سياڻو سمجهو ڇوڪرو آهين؛ تون جهڙهن عورت

عورت کي جڏهن شڪ جو نانگ ڏنگيندو آهي ته انجو زهر ذري ذري سندس سڄي سرير ۽ ذهن ۾ ڦهلجندو ويندو آهي. ڀڳونتي هن وقت ان زهر جي اثر هيٺ هئي. تنهن ڪري اهو ضروري هو ته ڪنهن طرح هن کي ان زهر جي اثر کان مڪت ڪجي.

مون پيار مان چيو، "ڀڳونتي ڊارلنگ، تنهنجو جيڪڏهن مون ۾ ٿورو به وشواس آهي ته تون وشواس ڪر ته هن ڇوڪريءَ ۽ منهنجي وچ ۾ اهڙو ڪو معاملو ڪونه آهي ۽ نه ئي ان ڳالهه جو ڪو امڪان ئي سمجهه!"

هن کي منهنجي ڳالهه تي يقين نه آيو. چوائين، "مان توتي وشواس نه ڪندس. اوهين مرد اهڙائي ٿيندا آهيو. توهين وفا مان اصل ڪين ڄاڻو. موقعو ملندي ئي ترڪي پوندا آهيو!"

"ڀڳونتي، تون مون تي اوشواس ڪري مون سان انياءُ ڪري رهي آهين. اهو مان برداشت ڪري نه سگهندس!" مون طيش ۾ اچي چيو.

هوءَ به جوش ۾ اچي وئي. چوڻ لڳي، "سچي ڳالهه ڪوڙي ٿي لڳيئي. تون آرٽسٽ آهين تنهن ڪري توکي اهو حق ٿو پهچي ته تون جڏهن به چاهين، جتي به چاهين، فلرٽ ڪري سگهين ٿو ۽ مان ڇاڪاڻ ته هائوس وائيف آهيان، تنهنڪري مونکي صرف گهر ۽ رڌڻو سنڀالڻو آهي، فرنيچر جي ڇنڊ ڦوڪ ڪرڻي آهي ۽ انڪري پڻي هر منورنجن کان ونچت رهڻو آهي! ليڪن ائين هرگز نه ٿيندو. توکي اگر فلرٽ جو حق آهي ته مونکي به هر قسم جي وندر جو حق آهي!"

جنهن ڳالهه جو ڊپ هو، اها ئي ٿي. جنهن لفظ کان ڊنس

"۽ مون جيڪي گجرون آنديون هيون، انهن جو ڇا ٿيو؟"

"اهي مون ڪنوار کي ڏياري موڪليون. ڇوانءِ موڪليومانس ته انهن مان هوءَ پنهنجي لاءِ گجرن جو سهرو ٺاهي ڪاڻي!"

گجرن جو سهرو ٻڌي اوچتو ياد آيو، ماني کائڻ بعد هو گيتا ٻون مان اڌ ڪلو گجرن جو سهرو وٺندو آيو هو. سوچيو هوم رات جو گرم ڪرائي پاڻ به کائيندس ۽ امي کي به کائڻ لاءِ چوندس. مان ٻيڊ روم ۾ ويس، لفاف ڪيس مان ٻاڪس ڪڍي آيس ۽ امي کي ڏيندي چيم، "اڄ ايندي وقت مان ٻه گجرن جو سهرو وٺندو آيس. گرم ڪر ته کائون."

امي کلندي چيو، "اهو ٻڪ ته ڪنوار لاءِ آندو هوندءِ. هاڻي دير نه ڪر، انهن کي ڪمڙن ۾ وجهي ڪنوار کي وٺي اچ. ڇڏجانس، امي چيو اٿيئي انهن کي پاتل ڪمڙن ۾ هلي اچي. مون کي خاطري آهي هوءَ هڪدم هلي ايندي. تيستائين مان هيءَ ٿريل سهرو گرم ڪري ٿي رکان!"

مون امي طرف نهاريو. چيم، "پر امي هن وقت..."

امي مون کي ڳالهه پوري ڪرڻ نه ڏني. چيائين، "پٽ، استريءَ جي من کي مان سڃاڻان يا تون؟ هن جڏهن وقت ٻيهن جي پاڇي ۽ ڪنائڻ موڪلي ته مان سمجهي ويس ته هن جي من ۾ ڇا هو! تنهنڪري تون دير نه ڪر ۽ هيڏي ٿي وڃي ڪيس وٺي اچ." ايترو چئي امي منهنجي منهن ۾ اٿين نهاريو جڻ چوندي هجي، جيڪي ڙال مڙس ڏينهن جو وڙهندا آهن، اهي رات جو ٻڏي ويندا آهن! ❋

[سندو]

جي من کي نه پرکيندين ته ٻيو ڪير پرکيندو. عورت جي دل شيشي مثل هوندي آهي جنهن کي اوشواس جو پٿر ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري تون منهنجي ڳالهه مڃ ۽ ڪنوار کي پيار سان سمجهائي واپس وٺي اچ. ۽ منهنجي پٽ، هڪ ڳالهه ٻڌ، زال ڪيترو به رسي، ڪاوڙ ڪري، پر جڏهن سندس مڙس سامهون اچي سندس هٿ جهليندو ۽ چوندس، گهر هل ته هوءَ هڪ پل جي به دير ڪان ڪندي ۽ سڀ ڪجهه وساري ساڻس گڏ هلي ايندي."

منهنجي ماءُ واقعي سياڻي عورت هئي ڇو ته هن دنيا جهان ڏٺو هو.

شام جو آفيس مان لٿس ته هڪ محسوس ڪيم. سوچيم اڳو پوءِ رات جي ماني کائيندو ٿو وڃان. هوءَ نه گهر ۾ آئي يا ته پيهليون اڙيون هونديون يا ٻٽاٽن جي ڀاڄي ٺاهي هوندائين. ڦلڪو پڪائي نه سگهندي تنهن ڪري ٻاهران وٺي رکي هوندائين. ڏڌن جي کٽائڻ پاتي به هوندائين ته اها به ڏينهن مڇڻ ۾ لڳائيندي. تنهن کان بهتر هو ته رات جي ماني کائيندو وڃان.

گهر موٽي، بريف ڪيس ٽيبل روم ۾ رکي، هٿ منهن ڌوئي، رات وارا ڪپڙا پائي ۽ ٻاهر اچي امي کي چيم، "امي، اڄ مان ٻاهران کائي آيو آهيان. تون بلاشڪ ماني کائي ڇڏ."

امي ٽي. وي ويٺي ڏٺي. آواز گهٽ ڪندي چيائين، "ٻاهران ڇو کائي آئين پٽ! اڄ مون تنهنجي دل پسند ڀاڄي رڌي هئي، اها بتڙا سيئيل." مرڪندي چيائين، "خبر اٿيئي ڪٿان آئي؛ ڪنوار موڪلي ۽ اڄ سان گڏ ڏڌن جي ڪٽائڻ به موڪلي اٿائين!"

مان ٺهرس وڃان ماءُ جو منهن تڪڻ لڳس. مون کي وشواس ٿي نه پئي آيو. پر جڏهن امي ڏڌن جي ڪٽائڻ ڏيکاري تڏهن يقين آيو.

قسم

پاڙي وارا سڀ هن کي گرباڻي چوندا هئا. پيو هئي ڇيڙي. مڙس کي اهڙو هيسائي ڇڏيو هئائين جو پنهنجي مرضيءَ سان ڪيڏانهن وڃي نه سگهندو هو. ججمانن وٽ به تڏهن وڃڻ ڏيندي هئس جڏهن ڏسندي هئي ته اتان جهجهي ڏکڻا ملندس. غريب گرائي وٽ ته وڃڻ ئي ڪانه ڏيندي هئس. اهڙو ڪو ايندو هو ته ٻاهران ئي موٽائي ڇڏيندي هئي. ٻهانو ڪري ته مهراج بيمار آهي، هلڻ جهڙو ڪونهي. پر جي ڪنهن امير وٽان سڏ ٿيندس ته اصل ٽپائي ڪڍندي: "هيڏانهن ڪمال پيا ڪريو، اڃا پيا ستيو؟ ويڙهيءَ جي مهل نڪري ويندي پوءِ ويندا ڇا؟"

مهراج گرڌاريلعل هٻڪي چوندو: "تون ئي ته چوندي آهين ته شاهوڪارن جي ڪارج ۾ ٿي جڙي وڃجي جيئن هو سمجهن ته مهراج پڙهيل لکيل آهي!"

"تنهنجي معنيٰ شاديءَ جو وقت ٽري وڃي ته پوءِ ويندا؟" گرباڻي مڙس کي اکيون ڏيکاري چوندي.

"پر پاڳن واري، ويڙهي شام جو ٥ کان ٦ بجي آهي ۽ هينئر اڃا ٽي مس ٿيا آهن. سوير ويندس ته ججمان سمجهندا، مهراج واندو آهي."

"ها، انهن ۾ برابر آهي، ته پوءِ اڳ پوءِ جيئن اچي چانهه پي پوءِ وڃجو."

"مون به انهن ئي پئي چيو. دير ٿيندي ته پاڻهي موٽر موڪلي گهرائي وٺندا."

ڪاڻ نٿي چاهيو. تنهن رسوئي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي، وهارو گرداري ڪري نه ڇا ڪري.

ٽن سالن بعد ڪلاونتيءَ پٽ کي جنم ڏنو. ڏاڏي جڻ نه ٻوٽي جو منهن ڏسڻ لاءِ جيئري هئي. پوٽي جو منهن ڏسي، وڃي ساهين سڪالي ٿي. ڪلاونتيءَ ان، مکڻيءَ جو ساه ڪيو.

ڏيري ڏيري ٻار سال گذ، ٻئي ڄال مڙس عمر ۾ وڏا ٿيندا ويا. زماني جي هوا ۽ اوڙي پاڙي وارن کي ڏسي ڪلاونتيءَ ٻڻ پنهنجي پٽ کي ڪانوينٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو. مڙس گهڻو ٿي سمجهايس نه پنهنجو گهڻو ڪم سنسڪرت سان آهي، اها پڙهي تنهن سان گڏ سندي ٻ سکي نه جيئڻ ڌرمي پستڪ پڙهي سگهي. سندن روزگار جو ذريعو ان نه اهي پستڪ ۽ سنسڪرت جا وڏ منتر ئي هئا.

مڙس جي ڳالهه ٻڌي ڪلاونتيءَ کي مٺيان لڳي. چيائينس، ”عقل مارجي ويو اٿوَ! زمانو ٻيو اڳتي وڌي ۽ توهان پيا ٻوٽي موٽو. هندي نه هوءَ ٿي لازمي پڙهندو، باقي سندي هيئنر ڪهڙي ڪم جي؟ انگريزيءَ ۾ هوشيار هوندو نه هر هنڌ سندس عزت ٿيندي. سنسڪرت جا ٻه چار سلوڪ مان ياد ڪرائي ڇڏيندي سانس، ڪم ٿپائي ويندو. باقي سندي پاڙهي مان پنهنجي پٽ جو آئيندو خراب ڪانه ڪنديس.“

”توهان اڄايو ٻيو ڏمرين. تنهنجو پيءُ انگريزي پڙهيل ڪونهي نه ڇا سندس عزت ڪانه ٿي ٿئي؟ گهڻي ۾ گهڻا ٻجمان گوسائينءَ جا آهن. ولائت وارا ٻه اڇن ته ڪيس ٻيڙ ٻن پئي گڏ جن!“

”منهنجي پيءُ جي ڳالهه نه ڪريو. هو ودوان آهي. توهان

گرڌاري لعل شرما جڏهن ڪلاونتيءَ سان شادي ڪئي هئي تڏهن ٻالڪ غريب پر همٿ هئو ۽ ڪلاونتي شاهوڪار گوسائينءَ جي اڪيلي ڌيءَ هئي. ڪلاونتيءَ جو پتا بـــ رهمڻ هو پر هن جا ايترا ته گهڻا ججمان هئا ۽ ڪيس ايتري ته گهڻي آمدني هئي جو هو پاڻ کي مهراج بجاءِ گوسائين ڪوٺائيندو هو- گوسائين پيتانبر شرما!

ڪلاونتي ننڍپڻ کان ڏسندي آئي هئي ته سندس پتا جـــي ڪيتري مڃتا هئي. وڏا وڏا شاهوڪار پيرن پوندا هئس. ۽ دان ۾ ميوو، روڪڙ ۽ سونا روپا ڳهڻا به ڏئي ويندا هئس. شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي اصل پئي ڇڏيندا هئس. سندس پيءُ جـــا ڪيترا ججمان ولائتن ۾ رهندا هئا. هڪ دفعي هڪ ججمان پيءُ ۽ ڌيءَ کي پنهنجي خرچ تـي سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ گهمائڻ وٺي ويو هو. جڏهن اتان موٽيا هئا ته نه رڳو ته صرف سوکڙين پاکڙين سان پر مال کڻي آيا هئا.

ڪلاونتي وڏي ٿي ته گوسائين پيتانبر شـرمـا سندس شادي گرڌاري لعل سان ڪرائي. ڇوڪرو غريب هو پر ڏسـڻ وائسڻ ۽ لڇڻن جو سشيل هو. ملند ڪالونيءَ ۾ ماءُ سان گـڏ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هو. گوسائينءَ پنهنجن پئسن سان کين پنهنجو نئون گهر وٺي ڏنو. گـرڌاري لعل کـــي پنهنجن ججمانن وٽ موڪلي سندس هر طرح جي مالي مدد ڪندو هو.

گرڌاريءَ جي ماءُ پٽ جي شاديءَ مان سک نه پـاتو، انهن شاهوڪار پيءُ جي اڪيلي اولاد، نه ڪنهن ڪم جي، نه ڪنهن ڪار جي. ٻئي وقت رسوئي به ٻڍيءَ کي ئي تيار ڪرڻي پوندي هئي. هوءَ جهوني زماني جي عورت هئي، هن ڪنهن نوڪر يا نوڪرياڻيءَ جـي هٿ جـــو رڌو پڪو

هانگ ڪانگ جي هڪ وڏي پارٽي ملي ويئي جيڪا ڪانئن آرڊر موجب مال تيار ڪرائيندي هئي. ٻئي دوست، ٻه ٽي دفعا هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور جو چڪر پڻ هڻي آيا. هڪ نئين مشين پڻ گهرائي ورتائون جنهن جي فلنگ ۽ اسٽچنگ سٺي ٿئي آئي.

ڏنڊو واپار وڌڻ تي، ٻنهي ڀائيوارن صلاح ڪري هانگ-ڪانگ ۾ پنهنجي آفيس کولي. اهو به طئه ڪيائون ته هانگ-ڪانگ واري آفيس گوبند شرما سنڀاليندو.

گوبند رات جو رسوئي کائيندي ماءُ پيءُ اڳيان هانگ-ڪانگ وڃڻ جي ڳالهه ڪئي ته، ماڻس تپي باهه ٿي ويئي. ”چوين ڇا پيو تون هانگ ڪانگ ويندين؟ مليڇن جي ملڪ ۾ وڃي رهندين! مان ننڍي هوندي اٿي ويئي هئس ته، ماڻهن جا ڪاڏا پيتا ڏسي ابتا ٿي آهيم!“

”پر مئي مان اُتي مليڇن وارا ڪاڏا ٿورئي کائيندس.“

”سمجهين ٿو، تون ڇا پيو چوين. ننڍي هوندي تنهنجي پيءُ توکي گروڪل موڪلڻ ٿي چاهيو جيئن تون اُتان آچار-ٻڌي اچين، پر مون توکي گروڪل موڪلڻ جي موڪل نه ڏني. مون توکي پنهنجي اکين کان پري ڪرڻ نٿي چاهيو، ۽ هينئر تون هيترو پري، هانگ ڪانگ وڃڻ جي ڳالهه پيو ڪرين! مان توکي اصل موڪل ڪانه ڏيندس. مان تنهنجي شادي ڪرائي، هميشه لاءِ توکي هتي ٻڌي ويهاريندس. آخر پيريءَ ۾ اسان به ته سک لهڻو!“

گوبند کي چپ ٿي ويئي. هنن جهڙا جهونن وڏڙن جا عادت ٿي اولاد کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندا آهن! هو اڄ رسوئيءَ مان اٿي ويو. ڪاوڙ مان چيائين، ”جڏهن تو ڇا مونکي ڪانوينٽ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ تعليم ڏياري هئي ته

پنهنجي ڳالهه ڪريو، توهانجي ڪيتري مڙي آهي؟ ولائت وارا توهان کي ڇو نٿا پيرين پون؟"

ڇو ته مان غريب برهمڻ آهيان، ايترو گياني نه آهيان، جيترو تنهنجو پتا آهي. ان ڪري ٿي ته مون چاهيو پئي ته پنهنجي پٽ گوبند کي گروڪل ۾ تعليم ڏياريان ۽ کيس آچاريه بڻايان!"

"واهه، واهه! هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ، تنهن کي به اکين کان پري ڪري ڇڏيان! اهو مون کي هرگز منظور نه آهي."

"ڪلاونتي، تون پڙهيل ڳڙهيل ٿي به، اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. مائٽ پنهنجن ٻارن کي الائي ڪٿي ڪٿي وديا پرائڻ لاءِ ٿا موڪلين. پر مان توتي زور نه ڀريندس. ان معاملي ۾ جيئن توکي ٺيڪ لڳي، تيئن ڪر."

"نه، ڀلي ڇڏيو، مان پنهنجي پٽ کي ڪانوينٽ اسڪول ۾ ئي پڙهائيندس، اهو منهنجو نشچو آهي!"

گوبند ويهن سالن جو جوان اچي ٿيو. بي ڪام پاس ڪري ورتي هئائين. هڪ پڄمان جي سفارش سان بئنڪ ۾ نوڪري به ملي ويس. سندس ناتو گوسائين پٽتانبر شرما، مرڻ وقت گهر واري جاءِ ۽ چار لک روڪ، ڏوهٽي جي نالي ڪري ويو هو.

ايترن پئسن هوندي هو نوڪري ڇو ڪري؟ گوبند پنهنجي هڪ دوست سان صلاح ڪئي جنهن صلاح ڏنس ته پنهنجو ڌنڌو شروع ڪر ۽ چاهين ته کيس به ڀائيوار ڪر.

گوبند ماءُ پيءُ کي سمجهائي ٻجهائي راضي ڪيو ۽ بئنڪ جي نوڪري ڇڏي، دوست سان گڏجي گارمينٽ جي فئڪٽري کوليائين.

ٻنهي دوستن جو ڀاڳ ورِيو. ڌنڌو جمي ويو. ڪيئن

ملڇن جي ڇوڪريءَ سان سندس پٽ شادي ڪئي هئي! پوءِ ته هو ٻه ماس کائيندو هوندو؟ اهو سوچي هنجو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ هوءَ مورڇا ٿي وئي.

گرڌاري لعل ٻوڙي پاڻي کڻي آيو ۽ پتنيءَ جي منهن تي ڇنڊا هڻي، کيس هوش ۾ آندائين.

ڪلاونتي هوش ۾ آئي ته اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. گرڌاري لعل اهو ٺيڪ سمجهيو ته هوءَ روئي هنياءُ هلڪو ڪري. جڏهن ڪلاونتيءَ روئي بس ڪيو ته ساڙهيءَ جي پلاند سان اکيون اگهي، پتيءَ طرف نهاري، سڏڪيون ڀريندي چيائين، ”توهانجو چيو ته مڃيم، انجو نتيجو اڄ ڏٺم، جنهن ڌرم بچائڻ خاطر پنهنجو وطن ڇڏي هتي آياسين، اهو ڌرم پنهنجن هٿن سان ئي خراب ڪيو اٿئون. ڪيڏانهن اسين اوچ ڪل جا برهمڻ ۽ ڪيڏانهن هوءَ ملڇ، ڇيمائڻ!“

زال جون اياڻپ واريون ڳالهيون ٻڌي گرڌاري لعل کلڻ لڳو. صبر سان چيائين، ”ڀاڳوان تو ئي ته چيو هو، زمانو اڳتي پيو وڌي ۽ مان پوئتي پيو موٽان! زمانو اڃا ڪٿي پهتو ڪٿي آهي؟ زمانو ڪٿي پهچندو، اهو ته اڃا ڏسڻو آهي، تيستائين تون صبر کان ڪم وٺ ۽ دل مضبوط ڪري، دنيا جا رنگ ڏسندي رهه!“

”اڃا ٻيا ڪهڙا رنگ ڏسڻا باقي آهن! هڪ ئي سڪيلدو پٽ هو، اهو به ملڇ ٿي ويو. هونءَ ته ته اها ته اميد هئي، هو پڇاڙيءَ وقت ڪلهو ڏيئي ڪرياڪرم ڪندو! هينئر الائي ڪهڙي گت ٿيندي؟“

”هينئر به اسانجو پٽ ئي اسانجو ڪرياڪرم ڪندو. آخر ته هو اسانجو ئي رت آهي!“

ڪلاونتي مڙس جي ڳالهه ٻڌي خامي وئي. گرجي

وڏو ٿي ماڻهن کي جهٽيا پارائڻ ۽ ٻارن جا مڙئي لهرائڻ! ۽ ڀلي ۾ جهول ڪولي اسهان نه ڏيو ڏکيا!"

گرڌاري لعل سمجهي ويو ته پنهنجي موٽس تنولي ڪئي هئي. پر هن ماءُ پيءُ اڳيان پڙڪ نه ٻوليو. ڪلاونتيءَ کي ته پٽ جي ڳالهه اوري لڳي. هن کي پٽ مان اهـا اميد ڪانه هئي. آخر به هو هڪ برهمڻ جو پٽ ۽ هڪ گوسائينءَ جو ڏوهٽو هو جيڪو پنهنجي سڄي ملڪيت کيس ڏيئي ويو هو. هو پڙهيو ڪڙهيو هو، پيءُ ۽ ناني جي پيسن تي ئي ته پڙهي لکي وڏو ٿيو هو!

هن پٽ کي چڱي نمال چاڙهي، پر هو پنهنجي ضد تي اڙيو ۽ هفتي اندر پنهنجو سامان کڻي هانگ ڪانگ اڏامي ويو.

ٻه سال گذري ويا. نه گوبند ماءُ پيءُ کي خط لکيو ۽ نه هنن ئي کيس ڪا چٺي لکي. انجو به هڪ سبب هو. اڃا هڪ سال مس گذريو هو ته گوبند پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ چيني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. اها ڳالهه هن پيءُ-ماءُ کان لڪائي هئي. ليڪن ٻئي سال جڏهن کيس پٽ ڄائو ته هن پنهنجي آفيس معرفت ماءُ پيءُ کي اها ڳالهه ٻڌائي.

ڳالهه ٻڌي ڪلاونتي مورڇا ٿي ويئي. ايڏو وڏو صدمو هوءَ برداشت ڪري نه سگهي. هو اوچ ڪل جا برهمڻ هئا ۽ سندس پٽ نيچ ۽ مليڇ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي جنهن مان کيس پٽ به ڄائو هو!

ڪلاونتي جڏهن پيءُ سان گڏجي هانگ ڪانگ ويئي هئي ته هن اتي ڏٺو هو ته چيني لوڪ هر طرح جو ماس پئي کائن. انهيءَ قدر جو ڪوئا ۽ ڏيڏر به ڪاڌائون ئي. وس پڄن ها ته جيڪر هو ماڻهوءَ جو ماس به کائي وڃن ها! اهڙن

چئي ويٺي، "ڪير، گوبند!"

گوبند جي اکين مان ٻه ڳوڙها ڳڙيا ۽ هن پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيو.

ڪلاوتيءَ جڏهن ٻيءَ وريءَ طرح اکيون کوليون ۽ ڪجهه هوش ۾ آئي ته هن پنهنجي سامهون ڏهن ٻارهن ورهين جي هڪ سندر نينگر کي بيٺل ڏٺو. هڪ ٻالڪا ٻئي هن جي آڱر جهلي بيٺي هئي. هوءَ حيرانيءَ وچان ٻنهي ٻارن جا منهن تڪڻ لڳي.

نينگر اڳيان وڌي؛ ڪلاوتيءَ جي سامهون وڃي، سنڌيءَ ۾ چيو، "ڏاڏي مان گرمک آهيان، گوسائين گرمک گوبندرام شرما، اوهانجو پوٽو!"

ڪلاوتيءَ جون اکيون ڦاٽي ويئون.

"۽ ڏاڏي، مان آهيان اوهانجي پوٽي شڪنتلا شرما!"

شڪنتلا اڳتي وڌي، ٽپ ڏئي، ڏاڏيءَ جي پرسان وڃي بيٺي.

هيءَ ڇا ٿي رهيو هو؟ هيءَ سپنو هو يا حقيقت؟ هن ٻارن کي ڏسي هن جو اشانت من شانت ڇو ٿي ويو هو؟ گوبند جي هڪ ئي ڇهاءَ سان هن جو سمورو غصو ڪافور ڇو ٿي ويو هو؟ ڄڻ کيس ڪا بيماري، ڪا پريشاني ئي ڪانه هئي! هن اکيون کڻي سامهون نهاريو. گوبند اڃا تائين منهن ڦيرائي بيٺو هو. سندس چيني زال ڪلاوتيءَ جي پيرانديءَ کان بيٺي هئي. هن اکين جي اشاري سان کيس پاڻ طرف ڪوٺيو. هوءَ اڳيان اچي نوڙي، کيس پيرين پيئي. هن کيس سامهون ويهڻ جو اشارو ڪيو. هوءَ چپ چاپ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

"امي، توهين ڪيئن آهيو؟"

اڙي هيءَ چينائڻ ڇوڪري ته سنڌيءَ ۾ پيئي ڳالهائي.

پڇڪي چيائين، "تون ۽ تنهنجا ٻار سنڌي ڪيئن سکيا؟"

چيائين، ”مري ڇڪو هوءَ منهنجي لاءِ! منهنجي ڳالهه ٻڌي ڇڏ، مان مران ته هن جي هٿان منهنجو ڪرياڪرم اصل نه ڪرائج، اهو منهنجو قسم اٿيئي!“

سالن پٺيان سال گذرندا، الائي ڪيترا سال گذري ويا. ڪلاونتي سخت بيمار هئي. هوءَ کٽ تان به لهي نه ٿي سگهي. ڊاڪٽر به آسرو لاهي ويٺو هو. گرڌاري لعل ڏال کي ٻنا ٻڌائڻ جي گوبند جي آفيس ۾ فون ڪري، ڪلاونتيءَ جي بيماريءَ جي خبر ٻڌائي. آفيس وارن اوڏيءَ مهل ئي فون ۽ فيڪس رستي گوبندرام کي هانگ ڪانگ احوال موڪليو.

گوبند ٻئي ڏينهن ئي پنهنجي ڏال، وڏي پٽ ۽ ننڍي ڌيءَ سان امبئي اچي پهتو. سندس آفيس جي ڪار ايئرپورٽ تي کين وٺڻ آئي هئي.

گوبند سامان هوٽل ۾ رکائي، ساڳيءَ ڪار ۾، فئمليءَ سميت، ماءُ وٽ وڃي پهتو. ڊاڪٽر موجود هو جيڪو ڪلاونتيءَ کي انجيڪشن هڻي رهيو هو. ڪلاونتيءَ جي سيرانديءَ کان ويٺل گرڌاري لعل ڪنڌ مٿي ڪڍي، پٽ، انهن ۽ پاڻ طرف نهاريو ۽ وري ڪنڌ جهڪائي، ڪلاونتيءَ جي تري مهٽڻ لڳو.

ڊاڪٽر دوائن جي ۽ ٻي هدايت ڏيئي هليو ويو تڏهن. وڃي گوبند جو هوش جاءِ ٿيو. هو ڌيرج ڌيري ڌيري اڳيان وڌي، ماءُ جي پيرن کان وڃي ويٺو. سندس ڪنڌ هيٺ جهڪيل هو. اچانڪ هن ٻئي هٿ وڌائي، ماءُ جي ٻنهي پيرن تي رکيا. ان ڇهاءَ ۾ الائي ڇا هو، شايد ڪا ماءُ ئي ٻڌائي سگهي ته جڏهن سندس جسم سان، سندس رت جائي جو سپرش ٿئي ٿو، تڏهن هوءَ سمجهي وڃي ٿي ته اهو سندس رت جو ڇهاءُ آهي!

ڪلاونتيءَ اماڪ اکيون کوليون ۽ ٻنا ڏسڻ ٻچڙ جي

ٿڃ

لياقت خان جي والده (ماءُ) سخت بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽر ٻڌايو ته کيس ڪئنسر آهي، علاج لاءِ لنڊن وٺي وڃوس. پر ماڻس اصل نه مڃيو. چي سڄي جمار گهر جي چائنٺ نه ٽپيسون، سو هينئر ٻڍاڙي خراب ڪريان!

لياقت خان ماءُ کي سمجهائيندي چيو، "امڙ، زمانو گهڻو اڳتي وڌي ويو آهي. ولايت وارن هر بيماريءَ جو علاج ڳولهي ڪڍيو آهي. اوهان ضد نه ڪريو، ڊاڪٽرن جي صلاح مڃيو. خرچ جي پرواه نه ڪريو، خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي."

"نه ابا، اها ڳالهه ڪانهي. جڙيو هجين شال، مونکي ان ڳالهه تي زور نه ڏي، آءٌ ڪيڏانهن ڪانه ويندس."

لياقت خان ڪيترائي مٽون ميڙون ڪيون پر ماءُ کي ولايت هلڻ لاءِ مڃائي نه سگهيو. ڪجهه سوچي چيائين، "جيڪڏهن توهان ولايت هلڻ لاءِ راضي نه آهيو ته پوءِ هندستان هلو. ٻڌون ٿا، اُتان جا ڊاڪٽر به ڀلئون ڀل آهن."

هندستان جو نالو ٻڌي امڙ جي اکين ۾ ڪجهه چمڪاٽ لڳو. کيس ياد آيو جڏهن لياقت ڄائو هو ته سندس ٿڃ سڪي وئي هئي، دائيءَ ٻپ ڏيار يندي چيو هو ته، جيڪڏهن ٻار جي پيٽ ۾ ماءُ جي ٿڃ نه وڻي ته سندس ٻچڻ مشڪل هو. چيائين ٻار جو آنڊو سخت هو، جيستائين ٻ، ٿي مهدا ماءُ جو کير نه پيئندو تيستائين سندس آنڊو نرم نه ٿيندو.

"اُمي، توهانکي خبر ڪانهي تہ هانگ ڪانگ ۾ سڀني سيڪارن جو وڏو اسڪول آهي. ٻار اتي سکيا ۽ مان ٻارن کان ۽ توهانجي پٽ کان سکي آهيان!"

گرڌاري لعل جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها تري آيا. هن پيار مان پٽ کي سڏ ڪري چيو، "گوبند پٽ، تون ڇا ماءُ سان نہ ملندين؟"

گوبند ٻوڙي اڇي ماءُ جي گود ۾ مٿو لڪايو. جڏهن ماءُ - پٽ روئي دل جو بار لاٿو تڏهن گرمک اڳيان وڌي، سنسڪرت جو هڪ سلوڪ اچاريو. جنهنجو مطلب هو، ڪليش مٽيو، سک سمپدا گهر آئي!

ڪلاونتيءَ مرڪي پتيءَ طرف نهاريو. گرڌاري لعل بہ مشڪي پتنيءَ کي ڏٺو. ڪلاونتيءَ سندس هٿ جهلي آهستي چيو، "مون پنهنجو قسم واپس ورتو." ★

[نذرانو]

اولاڙيندو هوس ته هن جون ڦوٽاريل اکيون ڏسي ٽڪ هيٺ رکي ڇڏيندو هو. اهڙو پائيندو هو سڀني کي، اصل پائون وانگر!

لياقت ۽ سڄڻ ڳوٺ جي واهيءَ ۾ گڏجي ترندا هئا. گهوڙي تي به گڏ ويهندا هئا. رئيس حيدرآباد مان لياقت لاءِ بائيسڪل وٺي آيو ته ان تي به ٻئي سنگتي اڳيان پوئتان، گڏ سواري ڪندا هئا. حويليءَ اندر اهي صرف سڄڻو يا سندس ماءُ ئي وڃي سگهندا هئا!

ٽيون درجو سنڌي ٻئي پڙهيا ته ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. سڄڻ وارا به ڳوٺ مان لڏي هندستان هليا ويا. وڇڙڻ وقت ٻئي دوست ڏاڍو رنا هئا. ننڍڙا هئا، تنهنڪري گهڻي سمجهه ڪانه هين. ڪجهه سوچي نه سگهيا هئا ته، ائين ڇو ٿيو هو جو هتان وارا سنڌي هندو هندستان وڃي رهيا هئا ۽ اتان وارا هندستاني مسلمان سنڌ اچي رهيا هئا!

جڏهن وڏا ٿيا تڏهن خبر پين ته ملڪ جو ورهاڱو ٿيو هو جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان پنهنجا پنهنجا گهر ۽ شهر ڇڏي ٻين شهرن ۾ وڃي وسيا هئا.

لياقت ماءُ طرف نهاري چيو، ”امان، اسين ته، ننڍڙا هئاسين، پر بابا سائينءَ سڄڻ وارن کي وڃڻ کان ڇو ڪين روڪيو؟“

لياقت جي ماءُ ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”پٽ، اسين ٿيونسين پردي واريون عورتون. نه اخبار پڙهون ۽ نه ريڊيو ٻڌون. تنهنجو ابو ڳالهه ڪندو هو ته ماڻهن جون واڻين جي ملڪيتن ۾ اکيون هيون. پر مليو ڪنهن کي ڪک به ڪونه. جن قبضو ڪيو تن کان به سرڪاري عملدار ڦري ويا. اهي جايون ۽ زمينون وري هنن مهاجرن کي مليون جن چيو ته اسان پنهنجون

دائيءَ جي ڳالهه ٻڌي سڀ فڪرمند ٿي ويا هئا. دائيءَ جيڪو علاج ٻڌايو، اُن سان ته ڇاتيءَ ۾ کير نه آيو. تڏهن ڳوٺ جي مرچومل کي منٿ ميڙ ڪري، سندس گهرواريءَ کي ٿڃ پيارڻ لاءِ گهرايو ويو. سڳن ماءُ پنهنجي پٽ سان گڏ لياقت کي به پنهنجي ٿڃ پياري هئي!

اهو ياد ڪري اُمڙ جي اکين ۾ چمڪو اچي ويو هو. پٽ ڏانهن منهن ڪري چيائين، "تون منهنجي هڪ ڳالهه مڃيندين؟"

لياقت خان ماءُ جا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، نهٺائيءَ سان چيو، "حڪم ڪريو امان سائين! آءٌ اوهانجو نيازمند نينگر آهيان."

"مڙساڻو واعدو ٿو ڪرين؟"

"امڙ، سر گهرو ته هينئر جو هينئر لاهي اوهانجي قدمن ۾ رکان. توهان رڳو حڪم ڪريو!"

"لياقت پٽ، توکي خبر آهي، اَڄ تون حيات آهين ته ڪنهن جي بدولت آهين؟"

لياقت مطلب نه سمجهيو. هو ماءُ جو منهن تڪڻ لڳو. سندس هٿن کي پنهنجين اکين سان لڳائي چيائين، "مون اوهانجي ٿڃ پيتي آهي، تڏهن ته حيات آهيان!" "نه اَبا، ائين ناهي. تڏهن ته توکان واعدو ورتو اٿم ته، تون منهنجي ڳالهه مڃيندين!"

لياقت اها پرولي سلي نه سگهيو، وائڙن وانگر ماءُ جو منهن تڪڻ لڳو.

ماڻس جڏهن سموري ماجرا بيان ڪري ٻڌايس تڏهن عجب وچان اکيون کليل رهجي ويس. مار! ته اها ڳالهه هئي. ياد آيس، اسڪول ۾ اگر ڪو سڄي طرف آڱر کڻندو هو ته هو سندس هٿ پٺتي ڇڏيندو هو. اُستاد ڪاوڙ وچان تڪڻ

ايئرپورٽ کان ٽئڪسيءَ ۾ ايندي هو شهر کي ۽ شهر جي ماڻهن کي ڏسندو آيو هو. رستي جي هڪ پاسي غريبن جون جهڳيون هيون ۽ ٻئي پاسي کان وڏيون وڏيون پڪيون عمارتون! هندن جا مندر ۽ مڙهيون ۽ ڏٺائون ته، مسلمانن جون مسجدون ۽ فقيرن جون مزارون اسان نظر آيون. ماهيم وٽ سگنل تي ٽئڪسي بيٺي ته اتي هڪ وڏي گرجا ڏٺائون جنهن ٻاهران ماڻهن جي هڪ وڏي قطار بيٺي هئي. ٽئڪسيءَ واري کين ٻڌايو ته هن ديول ۾ جيڪو ماڻهو سانده پنج ڇنڇر اچي عبادت ڪندو آهي، ان جون مرادون پوريون ٿينديون. اُن ۾ خواه لوڪل گاڏين ۾ عورتون ۽ مرد گڏجي سفر ڪري رهيا هئا. نه ڪو پردو، نه ڪو حجاب!

لياقت مامي طرف منهن ورائي چيو، ”ماما، پاڻ وٽ ته اهڙي ڪونهي. هتي ته هر ڪنهن کي آزادي آهي. ڇوڪريون بيٺيون به مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملايو بيٺيون آهن. پاڻ وٽ ته بنا پردي نياڻيون ٻاهر نڪرن ئي ڪونه“

”اسان وٽ به اڄ ڪالهه وڏن شهرن ۾ پردو ڪٿي رهيو ٿئي. ڏسندو نه آهين، ڪراچيءَ ۾ ڪيئن گهمنديون آهن.“

”اهي ته ماما، مهاجر يا پنجابي زالون آهن باقي پاڻ وارين سنڌي نياڻين ايترو اڃان ڪٿي آهن.“

”لياقت خان، پردو سٺي ڳالهه آهي، پر زالن کي ڪوٺن اندر بند رکڻ به خراب ڳالهه آهي. آءٌ ان ڳالهه جي خلاف آهيان. دنيا اندر ڇا پيو ٿئي، انهن جي ڪا ڄاڻ ئي ڪا نه اٿن.“

اهو بلڪل سچ هو. بشير خان گهڻو پڙهيل ڪونه هو پر هو تنگ خيال جو نه هو. هن جي جڏهن پاڻ کان وڏيءَ سوٽ سان شادي ٿي هئي ته هن بغاوت ڪئي هئي. هن

جاڻو ٿا؟ ٻنيون هندستان ۾ ڇڏي آيا آهيون. مٽن ڪوڙ ٿي ڳالهايو. سنڌن اهڙا افعال ٿي نٿا ڏسجن ته ڪو اٿي ونن زمينون هيون. اجايو ڳچيءَ ۾ ڳت ٻڌجي ويو. هاڻي ٻيا سڀ لوڙهون!"

لياقت سوچيو، اسانجون هيءَ ٻهراڙيءَ جون ڳالهيون، جي دنيا جهان کان بلڪل بي خبر هيون، ڪيتريون سياڻيون هيون جو پنهنجن ٻولين کي به سڃاڻڻ لڳيون هيون.

هن ماءُ طرف نهاري چيو، "منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي، امڙ!"

"ابا، منهنجي مرضي آهي ته تون هڪ دفعو هندستان وڃي سڀني وارن جو سڌ سماءُ لهي اچ. ٻڌون پيا اتي وارن کي وڏاڻن جهڙن ٻڪل ٻڌرڪن ۾ رهايو اٿائون. هتي هئا ته هر ڪنهن کي پنهنجو اُجهو هو. سکيا ستابا هئا. گڏيا مليا رهيا پيا هئاسون. ڏک سور ۾ هڪ ٻئي جي ڪم ايندا هئاسون. پنهنجو گهر، وطن ڇڏي، هندستان ۾ وڃي دربدر ٿيا آهن. تون چوين ٿو ته زمانو اڳتي وڌي ويو آهي، هر ڳالهه ۾ ترقي ٿي آهي. سو ابا، اها ٿي آهي ترقي جو ماڻهو ڏاڍو ڏاڍو ٿي ويو آهي."

لياقت سوچيو، اما چوي ته سچ ٿي. ماڻهو ڏاڍو ڏاڍو ٿي ويو آهي. اسين هيترو پڙهي لکي به اها ڳالهه سمجهي نه سگهيا آهيون.

لياقت خان پنهنجي مامي رئيس بشير احمد خان سان گڏجي، ويزا وٺي، بمبئيءَ اچي پهتو.

لياقت ڪراچي ته ڪيئي دفعا ويو هو، بلڪ اتي گلشن حديد ۾ پنهنجو فليٽ به هوس، پر بمبئي شهر جي ڳالهه ئي ٻي هئي، بمبئي ڪيڏو نه وڏو شهر هو!

لياقت کي جڏهن خبر پيئي ته سڳن جي والده وفات ڪري ويئي هئي ته دل جهلي نه سگهيو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. هن سسڪيون ڀريندي سڳن کي ٻڌايو ته، ٿڃ پيئارڻ صدقي هوءَ سندس ماءُ ۽ سڳن هن جو ڀاءُ هو!

هڪ دفعو وري ٻئي پاڻ ڀاڪر پائي گڏجي رنا.

سڳن جي گهرواري منهن ڍڪي ڪمري اندر آئي ۽ ماني پاڻيءَ جي پورت ڪرڻ لڳي. لياقت جهٽ سان پنهنجا پير هٽائيندي چيو، "ادا تون ته منهنجي ڀاڄائي آهين، تون مون کي ڪيئن ٿي پورت ڪرين!"

سڳن جا ٻه ٻار دروازي تي بيهي هنن ٻنهي اوپرن ماڻهن کي ڏسي رهيا هئا جن جا قد بت ۽ لباس انوکا هئا!

سڳن ٻارن کي سڏ ڪندي چيو، "پنڪي ۽ لالو پٽ، هيڏانهن اچو؛ هيءُ توهان جا چاچا آهن، پاڻ واري ڳوٺ مان آيا آهن، جتان جون آکاڻيون اوهان کي امان ٻڌائيندي هئي!"

اُن سال جي پنڪي، ڊوڙندي رئيس بشير خان جي هنج ۾ اچي ويٺي. ٻارهن سال جو لالو چپ چاپ لياقت خان جي ڀر سان اچي ويٺو. هو عجب وچان لياقت خان جي ڏاڙهيءَ کي ڏسي رهيو هو. هن جهڙو قداور ماڻهو هن اڄ تائين نه ڏٺو هو.

هو ٻئي واپس وطن موٽيا ته لياقت پنهنجي ماءُ کي سڳن وارن جو سمورو احوال ڏنو. سندس والده کي سڳن جي ماءُ جي وفات جو ٻڌي ڏک ته ٿيو پر جڏهن ٻڌائين ته سڳن کي ايل. آءِ. سي جي سٺي نوڪري هئي، سٺو گهر، زال ۽ ٻار هئا ته سندس دل کي آٿت آيو.

لياقت هندستان مان ٿي آيو ته هر وقت خيالن ۾ کوهيل

ٻي شادي پنهنجي پسند جي ڇوڪريءَ سان ڪئي هئي ۽ حيدرآباد جي هيرآباد ۾ هڪ جاءِ وٺي رهڻ لڳو هو، جيڪا جاءِ هڪ ڇڏي ويل هندوءَ جي هئي.

لياقت خان وٽ سڳن جي جيڪا ائڊريس هئي، اُن ۾ ڪلياڻ ڪئمپ لکيل هو. هينئر اها ڪلياڻ ڪئمپ الهاسنگر سڏبو هو.

وي. ٽي. اسٽيشن تان لوڪل ٽرين ۾ چڙهي هو ٻئي الهاسنگر اچي لٿا. ٽرين ۾ ڪيترائي سنڌي ويٺا هئا جن سان شير خان چڱيون ڪچهريون ڪيون. سنڌين ڪيترن سالن بعد سنڌ جي سنڌي مسلمانن کي پنهنجي وچ ۾ ڏٺو هو. هنن کانئن سنڌ جا ڪيترا حال احوال پڇيا. هو پاڻ ۾ ايترا رلي-ملي ويا گويا ڪير ڪنهن هئا. ڪن ته کين گهر هلي روٽي پاڻيءَ جي صلاح به ڪئي.

سڳن جي جاءِ ڳولهڻ ۾ کين ٿورو وقت لڳو. هو گول ميدان وٽ رهندو هو. ايل. آءِ. سي. آفيس ۾ نوڪري ڪندو هو، ڀاڙي ۾ مشهور هو. آرتوار سبب اُن ڏينهن هو گهر ۾ ئي هو.

سڳن لياقت کي ڏٺو ته ڊوڙي اچي چنبڙيس. هيترن سالن گذرڻ بعد به، کيس سڃاڻڻ ۾ دير نه لڳي. ڪيترو وقت ٻئي سنگتي ڀاڪرين پيڪوڙال اينا رهيا. خوشيءَ ۽ عجب وچان ٻنهي جي وات مان اکر ئي نه اُڪليو هو. هينئن اوچتو ملڻ ٿيندو، ڪنهن جي خواب خيال ۾ نه آيو هو. جڏهن الڳ ٿيا ته هڪ ٻئي جي منهن ۾ نهاري مرڪيا. اُن بعد سڳن رئيس شيرخان سان ڀاڪر پائي مليو. جڏهن ٽئي جڙي ويٺا ته ٻهرين حال احوال جو دور هليو ۽ پوءِ چانهه ناشتي جو.

علائقن ۾ ٻه هئي. هڪ ڏينهن هو جيپ ۾ چڙهي سموري زمين نظر مان ڪڍي آيو. سوچيائين، هن مان ٿوري زمين تي هڪ ننڍو ڪارخانو وجهندو جنهن ۾ پورهيت ۽ ڪاريگر سنڌي رکندو. آخر سنڌين کي پنهنجو جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ڪڏهن ملندو؟

ڳوٺ ۾ هڪ ڪميونٽي هال ٺهرائڻ جو به پهه پچايائين جتي وقت به وقت ڪچهريون ڪري، ڳوٺ لاءِ نوان نوان ترقياتي ڪم سوچيا ويندا. هن سوچيو، جيڪو ڪم ٻيا ڪري سگهن ٿا، هو ڇو نٿا ڪري سگهن.

ڳوٺ ۾ لوڪل بورڊ جون چونڊون ٿيون ته لياقت خان نوجوان همراهن ۽ پنهنجي ظاهر ڪيل منشور (ميني فيسٽو) بدولت وڏي گهڻائيءَ سان کٽي آيو. سڄي ڳوٺ ۾ خوشيون ملهايون ويون. سڄو ڏينهن اوطاق تي واڌايون ۽ مبارڪون ڏيڻ وارا ايندا رهيا.

ليڪن وڏيري باقر عليءَ کان ڳالهه اها سٺي نه ويئي. ڪالهه جو ڇوڪرو، هن کان کٽي ويو! هن چونڊ ڪانه هارائي هئي، جهڙوڪ سندس پڳ لهي ويئي هئي. هينئر هو ڪهڙي منهن سان ڳوٺ ۾ رهندو؟ آيو ويو ماڻهو ٽٽولي پيو ڪندو! ننڊ ڦٽي پيس. اندر ئي اندر ۾ بدلي وٺڻ جا پهه پچائڻ لڳو.

سڀ کان پهرين ٿاڻيدار کي چرچ ڏنائين جن چورين، ڌاڙا ۽ بيٺل فصلن کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيون. لياقت خان کي دانهون مليون ته هن ڀڄ ڀوڄ شروع ڪئي. پر ڪٿي ڪٿي پهچي، ڪهڙي ڪهڙي قدي کي منهن ڏئي؟ تڏهن به هو دلشڪستو نه ٿيو. پاڻ جهڙا ٻه چار همراه ساڻ ڪٺي، ڳوٺ ۾ ٽيليفون بوٿ، تار آفيس، سرڪاري اسپتال ۽ هڪ هٽڪ

رهڻ لڳو. هو هندستان ۾ اُٿل ترقيائي ڪم ڏسي دنگ رهجي ويو هو. اُتي سٽيءَ سڳي ڪانوٽي، هوائي جهاز ٺاهڻ پاڻ ٺاهي رهيا هئا ۽ هتي وٽ هر چيز ٻاهران پئي آئي. وڏي ڳالهه ته سنڌي هندو جيڪي هتان هٽي خالي ويا، اُتي پورا پاڇيا ٿي پيا هئا. ننڍا وڏا هنر چالو ڪري نه صرف پاڻ سکيا سنهڌا ٿيا هئا پر ملڪ جو سرمايو به وڌايو هئائون. هتي جي پيٽ ۾ پاڻ ڇا ڪيو هئائون؟ هتي جون چڱي ويل پڪيون جايون ڏاهي ڇڏيون هئائون؛ ڏنڊو واپار مهاجرن جي هٿن ۾ هو، ۽ هيٺيون سنڌين ٻوڙي ۽ ڏرڙي ڪسٽ جون لپارڻون ٿي رهيون هيون. هو اهڙا ڪاهل ۽ جاهل هئا جو سڀڪجهه اکين جي سامهون ٿي رهيو هو، پر سوءِ هٿ تي هٿ رکي صرف ڏسي رهيا هئا. هر ڪنهن کي رڳو پنهنجيءَ پڳ جي اون هئي ته ڪو اُن طرف آڳر نه کڻي!

لياقت سوچيو ڪجهه عرصو اڳ هي ملڪ هڪ هئا. ماڻهن جا مزاج هڪ جهڙا هئا. ڏک سک ساڳيا هئا. ته پوءِ ٻنهي قومن جي وچ ۾ هيءَ نفرت ۽ دشمني ڇو آهي؟ هو هٿي ۽ منهنجو سنگتي سڳڻو هٿي ڇو آهي؟ پئي پاٺر، جن هڪ ئي ماءُ جي ٿڃ پيتي آهي، هڪ ئي ڌرتيءَ تي ڄڻ ڄمي نٿا رهي سگهن؟

هندستان ۾ ڪيترائي قومون هيون، ڪيترائون ٻوليون ڳالهايون پئي وڃن، پر سڀ هڪ ئي ڌرتيءَ تي پلجي، اُسري رهيون هيون. گهر ۾ به ٻاسڻ ٺڪرجن ٿا. آواز ڪندا آهن. اُتي جيڪڏهن ڪو جهيڙو فساد ٿئي ٿو ته اهو اُنهن ٻن ٻاسڻن جي ٺڪرجڻ مثل آهي. انهن ئي اُٿڻ گهرجي. جيڪو جنهن جي، جتان جو ڪائي، اُن ڌرتيءَ سان وفادار رهي!

لياقت کي ڳوٺ ۾ ڪافي زمين هئي. ڪجهه زمين ٻن

وڏيرو باقر علي اهڙي ئي ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هو. هيڏانهن جلوس نڪتو ۽ هوڏانهن هـُـن پنهنجا شرارتي ماڻهو موڪلي ٽيليفون بوٿ، تار آفيس ۽ بئنڪ کي باهه ڏيـاري ڇڏي. ان بعد گاڏي ڀڄائيندو شهر ويو ۽ وڃي آقائن جا ڪن ڀرائين ته ان سڄيءَ واردات پٺيان لياقت خان جو هٿ هو!

ٻئي ڏينهن صبح جو ڳوٺ ۾ فوجين جو هڪ دستو اچي پهتو. فوجي لياقت خان جي اوطاق کي گهيري ويا.

جڏهن وقت ملٽريءَ وارا لياقت خان کي ٻـڌي، جيپ ۾ چاڙهي، ڳوٺ مان شهر طرف روانـا ٿيا ته سڄو ڳـوٺ جيپ جي پٺيان پٺيان هلي رهيو هو.

لياقت خان جيپ بيهاري، اٿي بيهي، ماڻهن جـي هجوم طرف نهاري، پر جلال آواز ۾ چيو، ”مون تي مائرن جـي ٽج بيٺي آهي. ڌرتي ماءُ انهن ۾ سڀني کان وڏي ماءُ آهـي! ان ماءُ تان هيءَ هڪ جان ته ڇا، هزار جانيون قربان!“

ماڻهو جوش ۾ اچي جيجل ماءُ جي جيالي جـا نعرا هڻڻ لـڳا. هنن سڀني ڌرتي ماءُ جي ٽج بيٺي هئي! ✻

[ڪونج]

جي پرانچ ۾ ڪولا رلايا ٿين. انڌا ترقياتي ڪم ڏسي ڳوٺ وارا سنڌس ساراهه جون سرڪيون پرڻ لڳا. وڏيري باقر عليءَ هيٺرن سالن ۾ صرف پنهنجي حويليءَ وارو رستو پڪو ڪرائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪيو هو.

لياقت خان جي ساراهه، وڏيري باقر عليءَ جي سيني ۾ ٻاهه تي پڙڪائي.

اوچتو سڄيءَ سنڌ ۾ ٻغاغو مچي ويو. ايم. آر. ڊي جي تحريڪ اهڙو پڙڪو ڪاڻ و جو سڄي سنڌ بيدار ٿي اٿي ڪڙڪي ٿي. سنڌ پنهنجي حقن لاءِ سجاڳيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. ان کان اڳ اهڙي سجاڳي ون يونٽ ٽوڙڻ وقت نظر آئي هئي. هر ڪو سنڌي سر جي سٽ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا. ڳوٺن تي ملٽري ائڪشن ڪنيا ويا. ماڻهن ۾ جوش سمنڊ جيان اٿلون ڏيڻ لڳو.

لياقت خان پنهنجي اوطاق تي پاڻ وارن همراهن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي. هن جوش ۾ اچي چيو، "ترنيءَ جو درجو ماءُ کان به مٿاهون آهي. اڄ اسانجي اها ماءُ لٽن هيٺان لتاڙجي رهي آهي. سنڌس سپوت ڪوپا ڪسجي ويا آهن. ڇا اسين، سڀ چپ ڪري ويهي لهو ڪوس ڏسون؟ اسان سنڌين جو رت ڇا پاڻي ٿي ويو آهي جو اهو پڙڪو نٿو کائي! آئون احتجاج طور ميمبريءَ تان استيعفا ڏيئي آيو آهيان. آءٌ چاهيان ٿو، اسين ڳوٺ وارا پنهنجن شهيدن ۽ سورمن جي ياد ۾ هڪ احتجاجي جلوس ڪيون ته جيئن سرڪار کي اسانجي ڪاوڙ ۽ سنڌين جي ڪمشنيءَ جي ڄاڻ پوي. مون پنهنجو فيصلو ٻڌائڻو هو، هيئنر آءٌ اوهانجو فيصلو ڄاڻڻ چاهيانٿو."

همراهن مان هڪ جوشيلي جوان اٿي اهي، ٻانهون کڻي، وڏي آواز نعرو هنيو: جيئن اسانجا جوڌا جوان!!

اَڇا وار - ڪارا ڀنوَر

زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيتريون پياريون چيزون پٺتي ڇڏجي وينديون آهن. احساس ۽ جذبات پڻ انهن ئي چيزن مان آهن جن جو واسطو دل سان آهي. مثال طور جڏهن اپريل هجي، سانوڻ ۾ ميگهن جا وسڪارا پيا پون، باغن ۾ مکڙيون گل ٿي ٽڙن ۽ ڪا سهڻي نرگس سينڌ سرمو ڪري اڱڻان لنگهي وڃي ۽ ڪو احساس، ڪو جهوٽو نه اچي ته سمجهو توهانجي دل توهانجو ساٿ ڇڏي چڪي آهي.

موهن سان به ڪجهه ائين ئي ٿيو هو. ڪافي عرصو ٿيو، هو دل کان جدا ٿي دماغ سان هم قدم ٿيو هو. هو تمام گهڻو سوچيندو هو ۽ تمام گهڻو لکندو هو. جڏهن تمام گهڻو ٿڪجي پوندو هو تڏهن ڪڏهن نه ڪڏهن هل اسٽيشن تي هليو ويندو هو.

هن ڏياريءَ ۾ هن ڪافي لکيو هو ۽ موڪلون ٿيون ته بنا ڪنهن اڳواٽ پروگرام جي بنگلور وڃي پهتو. کيس اوٽيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن آرام ڪرڻو هو جنهن لاءِ لگزري بس جي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي هئائين.

رات جو ماني کائي هو روم جي بالڪنيءَ ۾ اچي سگريٽ ڇڪي رهيو هو ته پاسي واري ڪمري جي بالڪنيءَ ۾ بيٺل هڪ ڇوڪريءَ تي نظر پيس. ڇوڪريءَ کي نائيٽ گائون پيل هو ۽ سندس وار کليل هئا. هوءَ سامهون رستي طرف نهاري رهي هئي جتي ٽرئفڪ هئي. موهن طرف هن جو سائيڊ پوز هو جنهن تي ليمپ پوسٽ جي روشني پئجي

ڳروپ فوٽو ڪڍي ورتو.

”مهرباني!“ مرد ڪئميرا وٺي مرڪندي چيو.

”مهرباني ڇا جي. سفر ۾ ته هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ ئي گهرجي.“ موهن به مرڪيو.

”اسين شولاپور مان آيا آهيون. ۽ توهان؟“

”مان ممبئيءَ مان!“

”او هه... اسين گذريل سال ممبئيءَ ويا هئاسين، بور ٿياسين. هر هنڌ ڀيڙ ۽ ڀڄ ڀڄان هئي!“

”هائو، شهر به ته تمام وڏو آهي.“ موهن ڪجهه سوچيو ۽ مرد طرف نهاري چيو، ”جيڪڏهن مان غلط ناهيان ته هي ٻئي ڀينر آهن جن مان هڪ توهان جي شريمتي آهي. آءِ ايم - رائيٽ؟“

”توهان برابر سڃاتو، مسٽر...“

”موهن پنجابي، پر آهيان سنڌي“ موهن پنهنجي واقفيت ڏني.

مان سڌاڪر واگهلي. هيءَ منهنجي پتني شالني ۽ هيءَ مس سڌا جيڪا هيئر توهان جي سيٽ پارٽنر آهي!“

موهن کي لڳو ته هيءُ سڌاڪر واگهلي نه صرف ٺاهوڪو جوان هو، بلڪ خوشمزاج به هو. انڪري هن ساڻس هڪ چرچو ڪيو. کيس مخاطب ٿي کلندي چيائين، ”تون موڪلون گذارڻ نڪتو آهين سهڻي زال ۽ ڪمسن ساليءَ کــي ساڻ وٺي؟!“

سڌاڪر چرچو سمجهي ٽهڪ ڏنو. ساڳئي انداز سان چيائين، ”توهين نهايت دلچسپ شخص آهيو. سفر ۾ ائين ئي هئڻ گهرجي، فري!“ سڌا طرف نهاري چيائين، ”مئٽرڪ پاس ڪيائين ته چيائين مونکي به گهمائڻ وٺي هلو. اسين به

رهي هئي. ان ٻوڙ ۾ هوءَ ٿاهوڪي ٿي لڳي. اوچتو ڇوڪري ڪمري اندر وڃڻ لاءِ مڙي ته هڪ لمحي لاءِ هن سندس سڄو چهرو ڏسي ورتو. هڪ ڪن لاءِ ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ پوءِ ڪن هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

صبح جو ساڍي نوين بجي انگريزي اس پسنجر ڪٽڻ هوٽل تي آئي. موهن نوين بجي تيار ٿي هوٽل جي لائونج ۾ اچي ويٺو هو. ساڍي نوين بجي لفٽ مان هڪ فئملي ٻاهر آئي. هڪ جوان مرد، هڪ جوان عورت ۽ ٽين سالن واري اها ڇوڪري هئي. مهاڻين مان هو ٻئي پيئر ٿي لڳيون.

سنجوڳ، چئو يا اتفاق، هو ٻئي زال مڙس گڏجي ويٺا ۽ ڇوڪريءَ کي ٻنهين سمت ٿي، موهن سان گڏ ويهڻ ڏنائون. هن شايد موهن جي اچي مٿي ڪي ڏسي سوچيو ته ان تي ڪارن ٻنهين جي گونجار جو اثر پيٺو نه هو. انگريزي هو اي فرنا ٿي ويا هئا.

اس ۾ راهگير کي وهڻ جي ڇانو ملي ته سندس ٿڪ لهي ٻوندو. پياسي کي ڪوه نظر اچي ته سندس اساس ٻجهندي؛ ڪنهن اڪيلي کي سفر ۾ ڪو سهڻو ساٿي ملي ته سندس ماندگي دور ٿيندي.

ڇوڪري موهن جي ڀر ۾ اچي ويٺي ته کيس ڏاڍو سٺو لڳو.

ٽيپو سلطان جي مزار تي ان جوان مرد موهن طرف پنهنجي ڪئميرا وڌائيندي عجب وچان چيو، "پارڊن، اسان جو هڪ گروپ فوٽو ته ڪڍي وٺو."

موهن ڪئميرا ورتي، فوڪس ٺيڪ ڪري، ٽنهي جو

باغ جا ڦوهارا ڪلن ۽ ٽپيون ٻون. جيئن ئي ڦوهارا ڪلندا ۽ رنگين ٽپيون ٻرنديون، ماڻهن جا حشام ڪاهي پوندا. ڪٿي هزارن جهرڻو روشنيءَ تي جڳمڳ پيو ڪندو ته ڪٿي ڦوهارن تي پوندڙ رنگين بلبن جي روشني عجيب ڏيک پيون ڏينديون. شاهي پنڌ مان پاڻيءَ جي هڪ لمبي لاٽ مٿي، آڪاش طرف پهچي وڃي ۽ پاڻي ساڳيو پنڌ ۾ اچي ڪري.

اهڙي ماحول ۾ سداڪر ۽ شالمي هنن کان الڳ ٿي، ته ڄاڻ ڪهڙي رخ هليا ويا. موهن سمجهي ويو ته هو ڄاڻي واڻي هنن کان الڳ ٿي ويا هئا. هو سدا کي ساڻ وٺي، پيڙيءَ ۾ چڙهي، هن پار ويو جتي ميوزيڪل ڦوهارو پنهنجا ناچ ڏيکاري رهيو هو. اتي ماڻهن جي پيڙ ڏسي هو سدا کي هڪ پئي پاري ۾ وٺي ويو جتي روشني ۽ ماڻهو گهٽ هئا.

اوچتو سدا پڇيو، ”دلي ۽ جيجاجي ڪيڏانهن ويا؟“

موهن کليو. چيائين، ”تون هنجي چنتا نه ڪر. هو ته اتي ئي ڪٿي هوندا!“

”هو اسانکي ڳولهيندا نه هوندا؟“

”تون ڇا ٻار آهين جو گم ٿي ويندين!“ موهن سدا طرف نهاريندي چيو.

”ٻار نه ناهيان، پر ڇوڪري ته آهيان!“ سدا چنتا گاڏر لهجي ۾ چيو.

هيرون پئي لڳيون. هوا تي سدا جا وار سندس ڇهري تي پکڙجي ٿي ويا. موهن کي اهو وڻي رهيو هو. چند تي ڪاريون ڪڪريون هيون جڻ. پڪاپڪ سندس منهن مان نڪري ويو: ”دلڪش!“

۽ ڪباب ۾ هڏي سمجهي ورتي آيا آهيو نس!" هو زال طرف نهاري ڪليو. شالني مڙس جي ڳالهه تي مرڪي ليڪن سدا رسي منهن ڦيرائي ڇڏيو.

تڏهن موهن هڪ نئين ڳالهه ڪئي. ۽ سوچي سمجهي چيائين، "توهين چاهيو ته مان توهانجي مدد ڪري سگهان ٿو. توهين زال مڙس هڪ ٻئي کي ڪمپني ڏيو ۽ مان مس سدا کي ارندان ڪارڻن توٽي اوڻيءَ ۾ ڪمپني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

سداڪر کي موهن جي اها رٿ وڻي. هن دليان چاهيو ٿي ته سدا پري ٿئي ته هو زال سان اڪيلي ميٺ ٿئي. تڏهن ڪري ڪلهدي چيائين، "يار، ياڻ کي تنهنجي اها صلاح وڻي تنهنجي ڪمپنيءَ ۾ سدا اور نه ايندي." هن موهن کي اڪ ٻڪي ۾ جڪڙ چتاءِ ڏيندي چيو، "ڏسج مسٽر پڌجائي، اسانجي سدا کي شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ڏج." هن موهن سان دوستاڻي انداز ۾ ڳالهايو.

زاوِل ياڻي پيئندي سدا موهن طرف نهاريندي چيو، "توهان جيجاجيءَ کي اهڙي صلاح ڇو ڏني؟"

موهن وراڻيو، "مون تنهنجي مدد ڪرڻ ٿي چاهي!"

سدا سوالي نگاهن سان موهن کي ڏٺو.

"تو شايد محسوس نه ڪيو ته تنهنجي موجودگي هنن جي آزاديءَ ۾ اَڏ هئي. تون هنن لاءِ اَن وانگيان هئينءَ."

سدا بار ته هئي هوءَ مطلب سمجهي ورتي. هن چهن ۾ مرڪيو ۽ اس ۾ وهي وائي.

ٿيو ۾ ڀرندا ان ڪارڻن جي رونق اڌهن آهي جڏهن

”مون کي توهان ٻنهي جي ڳالهه ٻڌايو؟“ سدا مرڪي رهي هئي.

”مان توتي ٻڻ هڪ ڪهاڻي لکندس.“ موهن ڳالهه بدلائي چيو.

”مون تي. مون تي ڪيئن ڪهاڻي لکندا؟“ هن عجب وچان موهن طرف نهاريو.

”ڇو نه لکي سگهندس. تو جهڙي سهڻي ڇوڪري مون سان گڏ آهي. مان تنهنجون اکيون، تنهنجا ڳل، چپ، وارن جي هيءَ ڪيچلي لٽ ۽ تنهنجو هيءُ خوشبودار جسم ڏسي، ڇهي سگهان ٿو ۽ پوءِ به تون پڇين ٿي ته مان توتي ڪهاڻي ڪيئن لکندس! اها ته ڪلپنا ڪانهي.“

سدا موهن جون ڳالهيون ٻڌي، کلندي ڇپر تي ليٽي پيئي.

”مون ڪالهه رات توکي ٻالڪنيءَ مان ڏٺو هو. تون گلابي نائيٽ گاؤن ۾ ڏاڍي ٺاهوڪي پئي لڳينءَ!“

”مذاق نه ڪريو.“ هوءَ اٿي ويٺي.

”توکي احساس ٿو ڏيارڻ ته تون ڪهڙي چيز آهين!“

”توهان ته اصل حد ٿا ڪريو.“

”اهو ڪوڙ ناهي سدا، تون واقعي اهڙي آهين.“

”توهان جي عمر نه ڪانهي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جي.“

”عمر جو حساب رکڻ غلط آهي. هن ڳالهه ۾ عمر جو ليکو نه رکبو آهي.“

سدا ڪا دير خاموش رهي، پوءِ مان ساوا تيلا ٻنيندي رهي. پوءِ ڏنهي سر ۾ چيائين، ”توهان زنده دل شخص آهيو. مان توهانکي هميشه ياد رکنديس.“ ائين چئي، ڪپڙا ڇنڊي، هوءَ اٿي کڙي ٿي.

سدا موهن طرف ڏٺو.

"تون واقعي هن وقت دلڪش پيئي لڳين!"

سدا کلڻ لڳي، "مان ۽ دلڪش! خوشامد پيا ڪريو؟"

"نه، اها خوشامد ناهي، حقيقت آهي."

"ڀلا ڪهڙي دلڪشي آهي مون ۾؟"

سوال پڇي موهن سدا طرف نهاريو. ڪي پــل نهارڻ بعد چيائين، "وڻ جڏهن پور جهليندو آهي ۽ هو ڦولاريو آهي تڏهن ان کي ڏسي اهڙو احساس ٿيندو آهــي جهڙو هيئنر مونکي توکي ڏسي ٿيو. تنهنجي جسم پور جهليو آهي ۽ اهو ڦولارجي رهيو آهي!"

"توهين ڇا شاعر آهيو؟"

سدا جو سوال پڇي موهن کليو.

"منهنجي سوال تي کليا ڇو؟"

"مان شاعر نه، ڪهاڻيون لکندو آهيان."

"ته توهين ليکڪ آهيو؟"

"فرصت ۾ ٻيو ڇا ڪندس. ڪهاڻيون لکندس يا پهاڙن تي گهمندس."

"پريم ڪهاڻيون لکندا آهيو؟"

"پريم ڪهاڻيون ئي لکندو آهيان!"

"توهان ڪنهن سان پريم ڪيو آهي؟"

سدا جي سوال تي موهن کان ٽهڪ نڪري ويو. پر جواب ڪونه ڏنائين.

"مون کي ٻڌائڻ نٿا چاهيو؟"

جواب ٽارڻ جي خيال کان موهن چيو، "ڪلپنا جو سهارو وٺي ليکڪ ڏهاڙا ئي پريم ڪري وٺندو آهي!"

ٻڌي، پنهنجن چست ۽ ڦڙت هٿن سان چانهه جون پتيون پٽيندڙيون ٽوڪرين ۾ وجهندڙيون ٿي ويون.

بس، اوٺيءَ کي ويجهو پوندي ويئي ته سيءُ به وڌندو ويو. مسافرن مان ڪن سوئٽر ڪڍي پاتا ته ڪن شالون اوڙهيون. سدا سيءَ کان پنهنجا پير هٿ پنهنجي هنج ۾ رکي ڇڏيا هئا. موهن جي من ۾ آيو هو سدا جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي کين گرمائش ڏئي، پر هن ائين ڪيو ڪون.

دودا بيٽا پيڪ پوائنٽ تي ٽيليسڪوپ دوربين رکيل هئي جنهن مان اوٺيءَ جا جبل ۽ ٻرائي ويجهو ٿي ڏسڻ ۾ آيا. اُن ڏينهن ٿڌ گهڻي هئڻ سبب ڌنڌ ۽ ڪوهيڙو هو. هوا سبب ڪوهيڙو بادلن جيان اُڏري رهيو هو. ماڻهن ساهه پئي ڇڏيو ته وات مان اُڇي ٻاڦ پئي نڪتي. ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر کي ڇڏي ٻيا سڀ بس مان لهي ويا هئا. سداڪر ۽ شالني به هيٺ لهي ويا. سدا کي نه شال هئي ۽ نه ئي سوئٽر. اهي سندس بيگ ۾ رکيا هئا. اُن ڪري هوءَ بس ۾ ئي ويٺي رهي. موهن ٿيلهي مان پنهنجي شال ڪڍي سدا کي ڏني ۽ کيس بس مان هيٺ لاهي آيو. ٿڌي ۽ سرد هوا ۽ ڪوهيڙو ٻنهي کي ويڙهي ويو.

”توهان کي سيءُ نٿو پوي؟“

”مون ڪوٽ هيٺان سوئٽر پاتو آهي.“

”ته به سيءُ وڌيڪ آهي.“ سدا موهن واري شال چڱيءَ طرح ويڙهيندي چيو.

ٽيليسڪوپ دوربين وٽ کين سداڪر ۽ شالني ملي ويا.

”توهين ته ڪمال جا ماڻهو آهيو. سدا کي سيءَ ۾ اڪيلو ڇڏي هليا ويا آهيو!“ سداڪر ٽهڪ ڏيئي کليو. سندس وات مان اُڇو اُڇو ٻاڦ جو گولو نڪتو. هٿ مهٽيندي چيائين،

مندون بدلجن ٿ. وڻن تان جهونا پن ڇڻن ۽ نوان ٿا نڪرن. مينهن پوي ٿ. سڪل نديون ۽ نارا ڀرجي وهن. چيڪي مٽي ڳوهجي چڪڻي چڙهي ٿ. ڪنڀر جا هٿ ڪيس ٿانوَ جو روپ ڏين. ۽ جڏهن دل ۾ عشق جو ٻج ڇٽجي ٿ. عاشق ٿڌا ساهه ڀرين!

اهو سلسلو آد جڳاد کان هلندو پيو اچي.

بس ڪرناٽڪ اسٽيٽ جون حدون ڇڏي ٽاملناڊو پرانت ۾ داخل ٿي رهي هئي. ٻنهي طرفن کان گهاٽو ٻيلو هو. ٻيلي ۾ ڪٿي مور ۽ ڪٿي هرڻ پئي نظر آيا. سيتا انهن کي ڏسي خوش ٿي پئي ٿي. هڪ هنڌ وڻن جي جهڳٽي وٽ چار پنج هاٿي نظر آيا. ڊرائيور بس بيهاري ڇڏي. سڀ مسافر هاٿين کي ڏسڻ لڳا. هاٿي سونڍ سان وڻن جا پتا ٽوڙي ٻنڌا وات ۾ وجهندا پئي ويا. هڪ هاٿي مٽيءَ جا غبار اڏائي رهيو هو. سيتا ٻارن وانگر موهن مٿان جهڪي، دريءَ مان هاٿين کي ڏسڻ لڳي.

نيل گري جبل جا وڪڙ ٽڪر ڪندي، بس مٿي چڙهڻ لڳي. ٻنهي طرفن کان وڏا وڏا درخت هئا جن کي ڏسي سندن عمر جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل هو. انهن ۾ ٿلها ۽ ڊگها بانس به هئا ته چندن جي ڪاٺ جا وڻ پڻ هئا. جبل تان پاڻي وهندو، هڪ نديءَ جي روپ ۾، لاهيءَ طرف پئي ويو. ان بعد شروع ٿيا نيل گري چانهه جا کيت جي ميلن ۾ ڦهليل هئا. ڳوٺاڻيون نور هيٺ ڳالهون پٺيءَ تي ٽوڪريون

اڄ به موهن سوير ئي اٿيو هو. برش ڪري، چانهه جو ڪوپ پي، هو پارڪ ۾ هليو ويو. هوٽل ٻاهران هئي ۽ پارڪ نهايت ئي خوبصورت هو. وڻن جي پنن تي ماڪ، گلن ٻوٽن تي ماڪ ۽ ڇپر تي به ماڪ هئي. سڄو آڪاش اڀرو هو ۽ ڪڪر اڇا گهري هئي. هو ڍيري ڍيري باغيچي ۾ گهمڻ لڳو. پريان نيل گري جبلن تي اڇا ۽ ڪارا بادل ڇانيل هئا. هن کي اهو نظارو ڏاڍو وڻيو. هو ڪافي دير تائين اُن طرف ڏسندو رهيو.

پارڪ جي ڇيڙي تي پهچي هو جيئن مڙيو ته سامهون سدا کي ايندو ڏٺائين. ڪريم ڦل ٻانهن جو ليڊيز سوئيٽر پاتو هو جنهن جو ڪالر اڇي پشم جو هو. هن واري شال سندس هٿ ۾ هئي.

”گڊ مارننگ، مسٽر ٻدجاڻي!“

”ويري گڊ مارننگ مس سدا!“

ٻنهي هڪ ٻئي کي مرڪي ڪيڪاريو.

”اوهين هيترو سوير اٿيا آهيو؟“

”مارننگ واڪ جي هير پيل اٿم. صبح جو سوير جاڳڻ ٿي وڻندي آهي.“

”مان به سوير ئي جاڳي هئس پر بستري مان اٿڻ نه پڳو.“

موهن کي سدا تازي ٽڙيل گل جيان لڳي.

”مون توهان کي دريءَ مان ڏٺو هو. سو چيم توهان جي شال توهان کي ڏئي اچان!“

”تمام سٺو ڪيئه سدا. هن پل تون پاڻ کي منهنجي نگاهن سان ڏسين ته جيڪر توکي سڌ پوي ته هن وقت تون ڪيتري نه سندر لڳي رهي آهين، هوا جي جهونڪي جيان تازي ۽ ماڪ پيل راهيل جيان ٽڙيل!“

"پلاڻجي ويا پنهنجو واعدو. اسين ته سدا کي توهانجي سپرد ڪري اچي اوٺا ٿي ويا آهيون، ۽ اسانجو اهو ڀروسو غلط ناهي. ڏسو توهان ڪيس پنهنجي شال ۾ ڍڪي آهي."

موهن ٿورو شرمجي ويو. ٿڪو ڪلندي چيائين، "اڄ ۾ ڏکي لهٽي تنهن ڪري پنهنجي شال ڪلهي ڏنم. نه ته اس مان هيمٺ أي ڪانه ٿي اٿي."

"توهانکي ايتري لڳڻيءَ جي موڪل آهي مسٽر پنجابي!" هن وري ڪليو ۽ ڏال کي پاڪر ۾ وجهي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو.

ليڪ ٿي پڻ پٽي ڏال مڙس الڳ. ٿـــو سينٽر ڪٽي ٻونگو ڪرڻ هليا ويا. موهن جو وارو آيو ته هو ۽ سدا ٿو سينٽر ۾ وڃي ويٺا. موهن اڳ، ڪڏهن ٻونگو ڪانه ڪٽي هئي. پڻ کي ڏسي اونڌا سونڌا وڄه هلائڻ لڳو. ليڪن پيڙي اڳتي ڪانه وڌي. سدا پنهنجي کل روڪي نه سگهي. آخر چئي ويٺي، "توهين ڳالهيون دلچسپ ڪري سگهو ٿا ليڪن پيڙي هلائي نٿا سگهو. مونکي ڏيو اهي وڄه، ته پيڙي مان هلايان. هون ۽ اسه ڪڏهن پرش جي پيڙي ڪڏهن عورت جي هٿن ۾ اچي سلامت هوندي آهي!"

موهن سدا جو منهن تڪڻ لڳو. تعرس ۾ پڇڻ چيائين، "اڙي واهه! تو ته تمام سياڻپ جي ڳالهه چئي آهي!!"

سدا ڪلڻ لڳي. چيائين، "توهان جي صحبت جو ڪجهه ته اثر ٿيو هوندو." ائترو چئي هوءَ وڄه هلائڻ لڳي ۽ پيڙي اڳتي وڌڻ لڳي.

"تون اهي وڄه هلائڻ ڪٿي سکئينءَ؟"

"اسڪول ۾! مان ڪيترا دفعا پڪنڪ تي ويئي آهيان. ٻونگو ۾ ڪٽي اٿم." سدا فخر وچان ٻڌايو.

جي بلڪل اميد ڪانه هئي. ڪيس يقين نه آيو ته سدا ڪيس مٿي ڏني هئي!

”تو اها ٻاراڻي حرڪت ڇو ڪئي، سدا؟“ هن سدا جي اکين ۾ نهاريو.

سدا بنا ڪنهن جهجهڪ جي چيو، ”هنن ٻن ڏينهن ۾ توهان مونکي جيترو ڏنو آهي ۽ مون ورتو آهي، اُن جي ڀيٽ ۾ اها هيءَ ڪجهه به نه هو. توهان مون ۾ ڪجهه نئون، ڪجهه تازو سرجيو آهي جيڪو مون لاءِ وڏو سرمايو آهي. مان هنن ٻن ڏينهن ۾ تمام وڏي ٿي وئي آهيان!“ ايترو چئي هوءَ تکڙي هوٽل طرف هلي وئي.

موهن سدا کي سڏ ڪرڻ چاهيو ۽ ٻڌائڻ چاهيو ته هو پڻ سندس صحبت ۾ عمر جا ڪيترا سال پوئتي هليو ويو هو. پر هو سدا کي سڏ ڪري ٻڌائي نه سگهيو ۽ سدا واپس هلي وئي. ☼

[ڪونج]

سڌا ني اختيار ڪلڻ لڳي. اها ڪل جهرڻي جهڙي مڌر هئي.

"توهين تمام سٺي شاعري ڪري سگهو ٿا. روماني شاعري!"

"ڪامپليمينٽ لاءِ مهرباني." موهن ڪليو. چيائين، "بس صرف ڪامپليمينٽس؟"

"ٻيو ڇڏهن؟"

"هن بس جي گائيڊ کي هيترا انعام ۽ ٽپس مليا. اسان کي ٽڪو به نه؟"

"انعام ۽ ٽپس ته آخر ۾ ملندا آهن، جناب!" سڌا ڪلندي، موهن سان گڏ پنڌ ڪندي هلي.

"ٺيڪ آهي سائين! اسان جي سروس چالو رهندي!" موهن اهڙي انداز ۾ چيو جو سڌا ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

سچ پچ ته هيءَ اڇن وارن ۽ ڪارن پنورن جي گونجار هئي جا اُن گهڙيءَ هن ننڍڙي پارڪ ۾ پنهنجي ردم سان گونجي رهي هئي.

باغ جي چوڙي وٽ به وڏا درخت اُڀا هئا جن پٺيان سج اُڀرڻ جا پتن پئي ڪيا. هو پئي ورڻ ڪي ٺيڪ ڏ پئي سج ڪي اُڀرندو ڏسڻ لڳا. سج اُڀريو ته سندس ڪرڻا ڪرڻا هن پنهنجي جي چهرن تي اچي پيا. سڌا ڏٺو سج جي روشنيءَ ۾ موهن جو چهرو چمڪي رهيو هو. موهن ڏٺو سج ڪرڻن ڪري جيان سڌا جو مکڙو مهڪي رهيو هو.

ٺيڪ اُن لمحي، سڌا اُمالڪ موهن طرف جهڪي ۽ سندس چهرو پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي، چمي ورتائين!

موهن پڪڙ ۾ پئي هئي ويو. هن کي اهڙي انعام، ٽپس

نديءَ جو بدليل رخ

طوفان ۾ گھڻو ڪجھ تباھ ٿي ويندو آھي. وڻن جا پن ڇڻي ويندا آھن، گھرن جون ڇتيون اڏامي وينديون آھن ۽ نديون پنھنجو رخ مٽائي ڇڏينديون آھن. طوفان ۾ ھر چيز تھس نھس ٿي ويندي آھي.

اھڙو ئي ھڪ تيز طوفان لڳو ھو جنھن ۾ پاري اٿل پٿل ٿي وئي ھئي. باغ اجھڙي ويا ھئا، وڻ پاڙون پٽجي ويا ھئا ۽ نديءَ پنھنجو رخ بدلائي ڇڏيو ھو.

اھا ندي جنھن جبل تان لٿي ھئي ۽ جنھن ھيٺان شان-مان سان وھندي ھئي، ان ھيٺ، سندس ڪنڌيءَ تي، ھر ھنڌ، ڪيئي ڇايادار درخت اڀا ھئا جن تي جھرڪين، ڪانون ۽ ٻاڙن جا آکيرا ھئا. انھن پکين جي ٻولي ۽ سر پنھنجا ھئا. جھرڪيون ڇھڪنديون ھيون، ڪانگ ٽاٽا ڪندا ھئا ۽ ٻاز ٻھادر وڻن ۽ آکيرن جي رکوالي ڪندا ھئا.

ليڪن ان پاري طوفان ۾ سڀ ڪجھ ناس ٿي ويو. وڻن جا پن ڇڻي ويا، آکيرا ٽٽي ويا ۽ نديءَ پنھنجو طرف ڦيرائي ڇڏيو.

ٻوني ڪان ڏھن ڪوھن تي ھڪ ڳوٺ ھو. آدمشماري گھٽي ڪانہ ھئي. آمدنيءَ جا ذريعا بہ محدود ھئا. چانورن جي پوک ٿيندي ھئي، ڪير جام ھو ۽ جھنگلي لڪڙي، جيڪا بارڻ جي ڪم ايندي ھئي. چانورن جو فصل جيترو لھي، ڪڙمي ڪاسبي مزوري ڪري گذارو ڪن. ماھيگيرا وٽاڻن ۾

سالن جي ڌيءَ نرملا. سندس گهر واري اڳهي نهايت سگهڙ زال هئي. کير مکڻ گهر ۾ ئي ٿيندو هون. ڳوٺ ۾ جيڪو اسڪول هو اُن ۾ تعليم مرهٽيءَ ۾ ڏني ويندي هئي. تمام ٿورا ٻار پڙهڻ ايندا هئا. گوبند رام پنهنجي پٽ منوءَ کي اُن ئي اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

منوهر ڳوٺ جي پرائمري تعليم پوري ڪئي ته وڌيڪ پڙهڻ لاءِ پوني وڃڻ لڳو. ڳوٺ کان هڪ ايس- ٽي بس ويندي هئي، جنهن ۾ هو ويندو هو ۽ بس ۾ ئي موٽي ايندو هو. اچڻ ۾ ڪڏهن دير ڪندو هو ته گوبند رام چنتا ۾ پئجي ويندو هو. پر جڏهن وڏو ٿيو ته سائيڪل تي اچڻ وڃڻ لڳو. منوهر کي مرهٽي سٺي ڳالهائڻ ايندي هئي ته صبح جو اسڪول ويندي، رستي ۾ ماهيڙن سان پٽ شٽ هڻندو ويندو هو. ڪيترا ماهيڙا سندس دوست ٿي ويا هئا.

مئٽرڪ ڪانپوءِ گوبند رام جي مرضي پٽ کي وڌيڪ پڙهائڻ جي ڪانه هئي. پر منوهر ڪاليجي تعليم وٺڻ جو ضد ڪيو ته هو مڙي ويو. هينئر هو سائيڪل بجاءِ اسڪوٽر تي ڪاليج ويندو هو.

منوهر مرهٽيءَ ۾ ايترو ماهر هو جو ڪاليج جي ناٽڪن ۾ به ڀاڱو وٺڻ لڳو. ڪاليجي ناٽڪن جي چٽاڀيٽي تي نه نه، صرف سندس ناٽڪ کي پهريون نمبر مليو، هن جي سٺي انڪٽنگ تي به انعام مليو. اهڙيءَ طرح هو ڪاليج جو هيرو بڻجي ويو.

هڪ ڏينهن هو اسڪوٽر تي ڪاليج پئي ويو ته ٽرڪ سان حادثو ٿي پيس. کيس ٿورا ڌڪ لڳا پر اسڪوٽر هلڻ کان بيڪار ٿي ويو. پٽس چيس، ”هاڻي گهڻو پڙهئين. ڇڏ پڙهائي ۽ اچي پنهنجو ڪاروبار سنڀال.“

مال ڏهي، ڪير جون ننڍيون وڏيون ڪنڊون پري، سائيڪلن تي سوار ٿي، ٻڪيءَ سڙڪ تان جهونگاريندا پــوني ڏانهن ويندا هئا ته ڏاڍا ڀلا لڳندا هئا. اڇي سٿڻ نه ته اڇي ڌوتي، اڇو پهرڻ يا قميص ۽ مٿي تي اڇي گانڌي ٽوپي، اهائي هئي مهاراشٽرا جي ڳوٺاڻن جــي پوشاڪ. انهن ڪير وارن ٻنيان، سج اڀرڻ ويل، ڳوٺ جون آديواسي عورتون، مٿن تي لڪڙيءَ جون ڀريون رکي، ڏهه ڪوهه پنڌ ڪري، پوني وڃي وڪڻي اينديون هيون. هو اس ۾ جهنگ مان لڪڙيون ڪپي اينديون هيون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جــو پوني کڻي وينديون هيون. سندن مرد گهڻو ڪري ٽوٽي هئا. ٿوري گهڻي مزوري ڪري، شام جو ڳاڙهي پيءِ، جهوپڙن ۾ پيا هــوندا هئا. سندن ٻارن جهڙيون سڪل ڪانيون. سڄي عمر پورهيو ۽ مڙسن جون مارون کائي گذاري ڇڏينديون هيون.

ورهاڱي بعد گوبندرام ان ڳـوٺ ۾ اچي پنهنجــو آکيرو اڏيو. ڳوٺ جي پٽيل سداشو پاٽل کي سنڌين سان همدردي هئي. ڪنهن زماني ۾ سندس پيءُ سنڌ ۾ نوڪري ڪري آيو هو. ورهاڱو ٿيڻ بعد هن ڳوٺ ۾ اچي سنڌ جي سنڌين جي ڏکن جي واڪاڻ ڪئي هئي. تنهن ڪري جڏهن گوبندرام ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو ته سداشو پاٽل سندس هر ممڪن مدد ڪئي.

گوبندرام ڳوٺ گهمي ڏٺو هو. هڪڙي ننڍي روزگار جي خيال کــان مڏي کولڻ پلي لڳي. آديواسي ڏاڍا خوش ٿيا. هنن کي لڪڙيءَ جــون ڀريون پوني کڻي وڃڻ جي ضرورت نه هئي. هو اهي گهٽ وٽ اگهه ۾ گوبندرام جــي مڏيءَ تي وڪڻي اينديون هيون. گوبندرام جمع ٿيل لڪڙيءَ جـون بيل گاڏيون پرانـي شهر اماڻيندو هو.

گوبندرام کي ٻه ٻار هئا. پنجن سالن جو پٽ منوهر ۽ ان

۾، هڪ ڪنڊ کان ٻئي هنڌون هاريون. هن سوچيو مبادا ڪيس ڪا تڪليف هجي، اهو سوچي هو هن جي سامهون وڃي بيٺو. مرڪنديءَ ۾ پڇيائينس، ”روئين ڇو پيئي، ڪا تڪليف اٿيئي؟“

گوداوري سندس منهن تڪڻ لڳي. خبر هئس ته هو سندس ئي ڳوٺ جو رهاڪو هو. نالي جي به خبر هئس. اها به خبر هئس ته هو ڪاليج جو هوشيار شاگرد هو. پر پاڻ ۾ ڪڏهن ڳالهايو ڪين هئائون. ڳوٺ جي ڇوڪرن سان ڳالهائڻ جو هنن ۾ رواج نه هو. آخر ته هو ڳوٺ جا پٽيل هئا!

گوداوريءَ وٽان ڪا به وراڻي نه ملڻس ته منوهر مرڪندي چيو، ”هڪ ئي ڳوٺ جا رهواسي آهيون، ڏک سک ۾ تہ هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهون ٿا. ڪا تڪليف هجيئي ته مونکي ٻڌاءِ. مان توکي سڃاڻان ٿو، تون پاٽل صاحب جي ڌيءَ گوداوري آهين!“

گوداوريءَ هٻڪندي چيو، ”تڪليف ڪا به ڪانه اٿم، پروفيسر ڪنهن ڳالهه تان چڙيو هو، اُن تان ٻئي رنم!“

منوهر کان ٽهڪ نڪري ويو. ويچاري گوداوري! سڪيلڌي ڌيءَ، جنهنکي پيءُ ايتري ناز سان پاليو هو جو ڪک به مٿس سهي نه سگهندو هو؛ اُن کي پروفيسر چڙيو هو! جيڪڏهن پيءُ کي دانهن ڏني ته ويچاري پروفيسر جا ته لاهه ئي نڪري ويندا!

گوداوريءَ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ چيائين، ”ضرور ڪا غفلت ڪئي هوندءِ جنهن تان پروفيسر ڏمريو هوندو.“

”ٻن سبجيڪٽن ۾ ڪمزور آهيان— پانلا جيءَ مٿس ۾.“

ڇڙٻ ڏيندي چيائين، ”ٽيوشن وٺان نه ته پاس ڪانه ٿيندينس.“

”برابر ته چوي ٿو. هڪ به سبجيڪٽ ۾ فيل معنيٰ فيل!

هيٺرن سالن ۾ گوبند رام جي مڏي بدلجي ٽمبر مرچڻت ٻٽجي ويئي هئي. ٻاڻل صاحب جي مدد سان ڪيس جهنگلاته جو ٺيڪو مليو هو جنهن ٻارڻ جي لڪڙيءَ سان گڏ عمارتي ڪاٺ به پيدا ٿي رهيو هو. هينئر ڏانــد گاڏين بجاءِ ٽرڪ پرائي ٻوٽي ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليندو هو. گهر به وڏو ڪشادو ٺهرايو هئائين.

منوهر ٻيءَ کي سمجهايو ته هو ڪاليج جو هوشيار شاگرد هو. هو سول انجنيئرنگ پاس ڪري پوءِ ٿــي ڪاليج ڇڏيندو.

"ڏس پٽ، تون اسانجو هڪ ئي سڪيلڌو پٽ آهين. توکي ڪجهه ٿي ويو ته اسين ڪٿي جا نه رهنداسين. ڌيءَ ڌڻ، هڪ ڏينهن اها پرائي ٿــي ويندي. اسين ڌڌڪو برداشت ڪري نه سگهنداسين."

منوهر ٻيءَ کي سمجهائيندي، حليمائيءَ سان چيو، "ٻاٻا، اتفاق ته دنيا ۾ ٿيندا ٿي رهن ٿا، جاڳــي واٽــي ڪير به شڪار ٿيڻ نه چاهيندو آهــي. مــان اڳتي وڌيڪ خبرداري ڪندس. مهرباني ڪــري توهان منهنجو پڙهڻ بند نه ڪرايو!"

گوبند رام پٽ کي وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو. پــر شرط وڌائينس ته اڳتي لاءِ هو بس ۾ ايندو ويندو.

منوهر جڏهن اسڪوٽر تي ڪاليج ايندو ويندو هو ته اڪثر هڪ موٽر سندس پرسان لنگهي ويندي هئي. هن کي خبر هئي ته اها موٽر ڳوٺ جي پٽيل جــي هئي ۽ ان ۾ سوار سندس سڪيلڌي ڌيءَ گوداوري هئي. هوءَ به ان ئي ڪاليج ۾ پڙهندي هئي پر هوءَ منوهر کان هڪ سال پٺتي هئي.

ان ڏينهن منوهر ڏٺو ته گوداوري ڪاليج جي ڪارنبار

بس ۾ ايندو ويندو آهيان جيڪا وقت سر ڪڍڻ ڪانه هلندي آهي."

بس، ايتري ڳالهه! گوداوريءَ سوچيو، اها ته سندس وس جي ڳالهه هئي.

ٻن ٽن مهينن ۾ ئي گوداوريءَ ٻنهي سبجيڪٽن ۾ پڪ اَپ ڪري ورتو. پر اهي سبق پڪا ڪندي، هوءَ پڙهڻ لڳي. هوءَ من ئي من ۾ منوهر کي پيار ڪرڻ لڳي. هڪ ڏينهن منوهر گهر نه ايندو هوس ته اوسيئڙي ۾ اکيون سور ڪرڻ لڳنديون هئس. ڀائيندو منوهر به هوس پر هو سياڻو ڇوڪرو هو، کيس خبر هئي ته گوداوري ڳوٺ جي پٽيل جي سڪيلڌي ڌيءُ هئي ۽ هو سندن هيءُ ميل ميلاپ هرگز پسند نه ڪندو.

موٽر ۾ ڪاليج ايندي ويندي هو ٻئي هميشه اڳيان ٻنيان ويٺا. شوفر پاٽل جو وشواس پاتر هو ان ڪري هن جي اڳيان يا سامهون هو گهٽ ڳالهائي نه سگهندا هئا. ڪاليج ۾ ته تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا. ايتري خبرداري رکندي به ٻنهي جي مائٽن جي ڪنن تائين سندن دلين جي ڌڙڪڻ جو پڙلاءُ پهچي ئي ويو.

گوبند رام منوهر کي سمجهائيندي چيو، "تو غلط راهه تي قدم رکيو آهي پٽ! اها راهه اسان سڀني کي اوڙاهه ۾ وڃي اڇلائيندي."

منوهر پيءُ جي ڳالهه سمجهي ويو پر ڪڇيائين اکر به ڪونه.

"هڪ دفعو اسين طوفان جي تباهي ڏسي چڪا آهيون.

تون چاهين ته هڪ ڳوٺاڻيءَ ناتي مان تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو. خبر اٿيئي نه ته اهي منهنجا سبجيڪٽ آهن ۽ مان هوشيار شاگرد سمجهيو ويندو آهيان." ٻولون ڏٺو هـن کلندي چيو هو.

گوداوري هڪ دفعو وري عجب مان منوهر جو منهن تڪڻ لڳي. چيائين، "ڇا سچ پچ تون موکي ٽيوشن ڏيندين؟ پر تون موکي ٽيوشن ڪيئن ۽ ڪٿي ڏيندين؟"

"مان توکي تنهنجي گهر اچي ٽيوشن ڏيندس."

گوداوري سوچ ۾ پئجي وئي. ابا ڪيئن ٽيوشن وٺڻ جي موڪل ڏيندو؟ اسان ۾ اڳ ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ پرش کان ٽيوشن ڪانه ورتي هئي، ابا ڪيئن اهڙي اجازت نه ڏئي ته؟ هن منوهر کي پنهنجي شڪا ٻڌائي.

"اهو تنهنجو مسئلو آهي. پيءُ کي سمجهائڻ تنهنجو ڪم آهي."

گوداوريءَ ڪجهه سوچي مرڪي چيو ته، "سمجهه ڪٿي ابا موڪل ڏئي ٿو، پوءِ تون ٽيوشن جي في گهڻي وٺندين؟"

سوال ٻڌي منوهر کلڻ لڳو. کلندي ئي چيائين، "سنڌي ابا واپاري ٿيندا آهن ۽ هر ڳالهه ۾ نفعو نقصان پهرين ڏسندا آهن. پر هن معاملي ۾ مان توکان ڪوڏي به ڪين وٺندس، سواءِ هڪ سهوليت جي جيڪا تون سولائيءَ سان ڏئي سگهين ٿي."

گوداوري منجهي پئي. الائي ڪهڙي سهوليت گهرجيس؟ سندس وس ۾ نه هوندي ته صاف نڪار ڪنديسانس. اهو سوچي منوهر طرف ڏسندي چيائين "ڪهڙي سهوليت؟"

"تون موکي ڳوٺ مان پنهنجي موٽر ۾ وٺي ايندي ڪر ۽ واپس ڇڏيندي ڪر. اسڪوٽر جي حادثي کانپوءِ مان

"پر هتي ته اها ڳالهه آهي ئي ڪانه. هنن ۾ اسان جو ڌرم ساڳيو آهي، ديوتائون ۽ وشواس ساڳيا آهن."

"ڌرم ساڳيو هوندي به، اسين هت ٿورائيءَ ۾ آهيون پٽ! اڃا ته وري به پنهنجي ڌرتي هئي، هتي ته اها به ڪانهي. تنهن ڪري منهنجي صلاح مڃ ۽ پنهنجا قدم واپس ورائي اچ."

امتحان پورا ٿيا ته، منوهر گوداوريءَ جي گهر وڃڻ ڇڏي ڏنو. پيءُ کي ڳوٺ جو ڪم سنڀالڻ جو چئي، پاڻ پيلي ۾ هليو ويو جتي اڪڙيءَ جي ڪناري تي رهي هئي.

جيڪا گوداوري هڪ ڏينهن منوهر کي نه ڏسي ته، اوسيڙي ۾ اکيون سور ڪرڻ لڳنس، تنهن جڏهن ٽن ڏينهن کان ڪيس نه ڏٺو ته بي حال ٿي پيئي. ڪانئس گهڙو ٿي نٿي اُڪليو. ڪنهن کان پڇي، ڪيئن دريافت ڪري ته منو وٽس ڇو نه ٿي آيو.

پهرين ته پاڻ جو ان طرف ڌيان نه ويو، پر جڏهن ٽئين ڏينهن ڏٺائين ته، گوداوري هر هر اٿي دريءَ وٽ وڃي ٿي ايئي تڏهن ٿورو خيال ٿي پيس. ڌيءُ کي سڏ ڪري، پنهنجي پريشان وهاري پاپوه مان چيائين، "دريءَ مان ڪنهن کي پيئي ڏسين ڌيءُ، ڇا ڪير اچڻو آهي؟"

گوداوري من ۾ ٻڏي. اَبا کي خبر پئجي ويئي ته ضرور ڪاوڙبو! ڪوڙ ڳالهائيندي چيائين، "اَبا، مون ڏٺو پئي ته، گل موهر جي وڻ تي ڪيترا نه گهاٽا گل اُڀريل آهن. ڄڻ باه جا اُلا آهن. مونکي گل موهر جا گل ڏاڍا وڻندا آهن."

اَبا من ئي من ۾ کليو. سمجهيس ڌيءُ، سالس ٿي ڪوڙ

هٿان اڪثر پاسيون ٿا. ڪٿي به ٻيو ڪوڙي نه سگهنداسين. ماڻهو غيرت وچان ڪجهه به ڪري گذرندو آهي. پاڙي هن ڀوڻ جو والي آهي. مشڪل وقت ۾ اسانجي هر ممڪن مدد ڪندي اٿائين. هو اهڙا گولي هرگز ڇڏي نه سگهندو. ڇوندو جن ڪي اُجهو ڏنم ان ئي آبروءَ ۾ هٿ وڌو!"

منوهر ڪنڌ ڪڍي مٿا ئي چيو، "پر بابا، تاڙي هڪ هٿ سان ته ڪانه وڄندي آهي. گوداوريءَ جي مرضي هجي ته هن جو ٻيءَ ڇا ٿو ڪري سگهي؟"

گوبند رام پٽ جي ڳالهه ٻڌي ٿورو گرم ٿي ويو، "هن جو ٻيءُ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. چاهي ته ڇوڪري وڃائي اسانکي ڳوٺ مان ڪڍي سگهي ٿو."

"پر هو ائين ڇو ڪندو؟ اسين به ته آزاد ڀارت جا نگرواسي آهيون. اسانکي به ٻين سڀوان حق حاصل آهن ته ڪٿي به رهي سگهون ٿا."

گوبند رام پٽ جي عقل تي ڪاوڙ لڳو. سو چيائين پٽ پڙهيل ته هو پر ڪڙهيل نه هو. تجربو ڪو نه اٿس. نه ته اهڙي ڳالهه نه چوي ها! پٽ کي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "اڌڪار جون ڳالهيون نه ڪر ڇوڪرا؛ سمورا اڌڪار مڪاني لوڪن جي هٿن ۾ هوندا آهن. هنن جي راضپي ڪانسواءِ ڪير به ڪٿي به هڪ ڏينهن به رهي نٿو سگهي. ائين هجي ها ته اسانکي پنهنجي ڌرتيءَ تان لڏڻو نه پوي ها!"

"پر بابا، توهان پاڻ ئي ٻڌايو هو ته اسين اتي ٿوراڻيءَ ۾ هئاسين."

"پر اهو ڇو ته اسانجو ۽ هنن جو ڌرم ۽ مذهب ٻيو ٻيو هو. هو گهڻائيءَ ۾ هئا ۽ اسين ٿوراڻيءَ ۾ هئاسين."

انجام ڪهڙو نڪرندو؟ ڇا هو پنهنجي اَنا خاطر ڌيءَ کي قربان ڪري ڇڏي! پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ جون خوشيون کسي وٺي؟ منوهر خراب ڇوڪرو نه ڪونهي. پڙهيل لکيل ۽ فضيلت وارو نيڪر آهي. هو جڏهن به سندس گهر آيو، کيس هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائين. ڪيترا دفعا ته پيرن به پيو هو. پيءُ ذات جو آهي ته ڇا ٿيو؟ آهي ته هندو! هندن جا ۽ اسانجا سنسڪار ۽ سنسڪرتيون به ته ساڳيون آهن. ۽ وري ڪاروبار ڪيترو وڌي ويو اٿن! معمولي مڏيءَ مان لکپتي مرچنٽ بڻجي ويا آهن. ڳوٺ جا ڪڙمي ڪاسبي به منجهائن خوش آهن. ۽ وري شادي بعد گوداوري ڌيءَ رهندي به ته هن ئي ڳوٺ ۾. روز ساڻس ملي سگهان ٿو، ڏسي سگهانس ٿو. گهر ۾ به ايندي ويندي. پار پڇا ٿيندس ته اُنهن کي ڪٿي پيو ڪڏائيندس. اهو سڀ سوچي، ڌيءَ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيائين، "جڏهن وڏا ئي اهو ليکو لکيو آهي ته مان وچ ۾ اچڻ وارو ڪير ٿيندو آهيان. مان سڀاڻي ئي گوبند رام سان منوهر ۽ تنهنجي رشتي جي ڳالهه پڪي ڪري ٿو اچان."

گوداوريءَ پيءُ جي واتان اهي اکر ٻڌا ته اُمالڪ منهن مٿي ڪري، پيءُ ڏانهن نهارڻ لڳي. سندس پيءُ جي چپن تي سنهڙي پري مرڪ هئي. "ماجها اَپا، لئي برا اَپا!" [منهنجو پيءُ، ڏاڍو سٺو پيءُ] ائين چئي گوداوريءَ پنهنجي پيءُ جي گردن ۾ پنهنجون ٻئي ٻانهون ورائي ڇڏيون.

ٻئي ڏينهن شام جو سداشو پاٽل جي موٽر گوبندرام جي گهر ٻاهران اچي بيٺي. موڪل جو ڏينهن هو، گوبندرام گهر ۾

ڳالهائي رهي هئي. شايد دل جو حال اورڻ کان ڊڄي ٿي. ڪيس شايد خبر ڪانه هئي ته هوءَ هن لاءِ سڀ ڪجهه هئي. تنهن ڪري ڏاڍج سان چيائين، "مان ڏسان ويٺو ته تون ٻن ٽن ڏينهن کان گم سم آهين. ائين پيو لڳي ڄڻ ڪجهه وڃائجي ويو اٿيئي جنهن کي پيئي ڳولهين!"

گوداوري ٻيءَ جي هنج ۾ مٿو لڪائي روئڻ لڳي.

"مونکي ٻـڌاءِ پٽ، ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ پريشان ڪيو اٿيئي؟"

گوداوريءَ کـي سڌ هئي ته آپا ڪيس جان کان وڌيڪ گهرندو هو. ان ڪري همت ڪري چيائين، "آپا، مان منوهر کي پيار ڪرڻ لڳي آهيان. ٽن ڏينهن کان گهر نـه آيو آهي ته مونکي ڪجهه به سٺو نٿو لڳي."

ڌيءَ واتان حقيقت ٻڌي سداشو پاٽل گهڙيءَ ڀـن لاءِ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. سندس ڪنن تي اهڙو پڙلاءُ ته پيو هو پر هن پوريءَ طرح وشواس نه ڪيو هو. هن کي خبر هئي تـه سندس ڌيءَ گوداوري ڪانئس ڪجهه به نه لڪائيندي هئي. ڇو ته ڪيس ڄاڻ هئي تـه سندس آپا هن جـي هر خواهش پوري ڪندو هو. پر ڇا هو ڌيءَ جي هر خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ٻڌل هو؟ خاص طور هـيءَ خواهش جنهن ۾ هن جي جڳ هنسائي ٿيڻ جو امڪان هو! آخر هو هن ڳوٺ جو پٽيل هو؛ ڏهـن ڪوهن تـائين سـنـدس عـزت ۽ نـاموس هئي؛ وڏن شاهوڪارن ۽ عملدارن سان سندس رهاڻـي رسائي هئي. هو سڀ ٻڌندا ته ڇا چوندا؟ انهن جـي سامهون ڪڏهن ٻي مٿي ڪڍي نه سگهندو. هو چاهي تـه هڪ پـل ۾ کين ڳوٺ مـان لڏائي سگهي ٿو. پر پوءِ گوداوريءَ جو ڇا ٿيندو؟ ڇا هوءَ منوهر کي وساري سگهندي؟ جي وساري نه سگهي ته انجو

هن ڦڪو کلي ۽ چيو، ”پاٽل صاحب، اسين ساڌارڻ منش ڪن وشواسن ۽ سڌن کي من ۾ پالي زنده رهڻ جو جتن ڪندا آهيون. اسين ان وشواس تي ٽڪيل رهيا هئاسين ته هيءُ ورهاڱو عارضي هو انڪري وڌيڪ ڏينهن ٽڪاءُ نه ڪندو. ليڪن هينئر اسانجون اهي اميدون ٽٽليون پٽجي ويئون آهن. هينئر صرف وطن جون يادگيريون ئي اسانجو ورثو وڃي بچيون آهن.“ ايترو چوندي گوبندرام جو آواز ڀڙو ٿي ويو هو.

پاٽل گوبندرام جو درد ٻروڙي ورتو. هن ساڻس همدردي جتائيندي چيو، ”مان توهانجو دک سمجهان ٿو گوبندرام. بابا چوندو هو ته سنڌ سون جو ٽڪرو هئي. توهان کان اهو سون ڦريو ويو آهي. پر توهان سنڌين ۾ اهڙي لياقت آهي جو توهان مٽيءَ مان به سون اٿائي سگهو ٿا. توهان کي ڏسي منهنجو اهو وشواس پڪو ٿيو آهي.“

پاٽل جي گفتار ٻڌي گوبندرام جو من هلڪو ٿيو. هن سندس ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيو، ”توهان هتي اسانجو پنهنجن کان به وڌيڪ خيال رکيو. اسانجي هر ممڪن مدد ڪئي. منوهر کي پنهنجو پٽ سمجهي ڪيس حواليءَ ۾ اچڻ وڃڻ ڏنو. اسين اوهانجا اهي احسان ڪڏهن به وساري نه سگهنداسين.“

”ائين نه چئو گوبندرام. منوهر اسانجو ئي ٻار آهي. هو نهايت نيڪ ۽ سشيل ڇوڪرو آهي. گوداويءَ کي محنت ڪري پڙهايائين ۽ موٽ ۾ هڪ پائي به نه ورتائين. ٻيو ڪو هجي ها ته سو پن رپيا وٺي وڃي ها.“ کلندي چيائين، ”پر خبر اٿيئي ان جو ڦل ڪهڙو نڪتو؟“

گوبندرام سمجهي ويو ته اها گهڙي اچي ويئي هئي

تي موجود هو. گوبندرام ٻاهر اچي پاٽل صاحب کي نمسڪار ڪئي ۽ کيس اوطاق تي وٺي وڃي ويهاريو. جڏهن چانهه پاڻي پي ويٺا تڏهن پاٽل صاحب گوبندرام طرف منهن ڪري چيو، "خير چار ڪريو، ڪاروبار ڪيئن پيو هلي؟"

گوبندرام هٿ جوڙيندي چيو، "توهان جي ۽ مالڪ جي مهرباني سان تمام سٺو پيو هلي. روزانو هڪ ٻه ٽرڪ ڀرجي وڃي پيو."

"ڪم کي اڃا به وڌايو. مان توهان جي هر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ ويٺو آهيان. ۽ هينئر ته پٽ به جوان ٿي ويو اٿوَ."

"هائو، هينئر مدو وڏو ٿي ويو آهي. ڪم سنڀالڻ لائق ٿي ويو آهي. ٻن ڏينهن کان ٻيلي ۾ ئي رهيو پيو آهي. مزور به هن مان خوش آهن."

گوبندرام من ۾ سمجهي ويو ته اڄ پاٽل صاحب ڪنهن خاص ڳالهه لاءِ وٽس آيو هو. پر اها ڪهڙي خاص ڳالهه هئي، هو اندازو لڳائي نه سگهيو. جيڪڏهن هن کي پاڻ بابت خبر هجي ها ته هن نموني ساڻس نه ڳالهائي ها!

"تمام هوشيار ڇوڪرو آهي. سڀني سان عزت ڀريو وهنوار ڪندو آهي. تڏهن ئي ته پورهيت به کيس ڀائين ٿا." اتي ئي پاٽل ڳالهه کي بدلائي چيو، "ڀلا ڪر ته خبر سيٺ گوبندرام، اڃا تائين واپس وطن وڃڻ جا سپنا ڏسندو آهين؟"

گوبندرام هن جي ڳالهه جو مطلب نه سمجهيو. ويهن سالن بعد پٽيل کانئس اهو ٿو پڇي رهيو هو. کيس ياد آيو جڏهن هو هن ڳوٺ ۾ آيو هو ته چيائين هو جلد ئي پنهنجي وطن واپس موٽي ويندو. پر اڄ ان ڳالهه کي ته ورهيه لنگهي ويا هئا، ۽ سڀني واپس ورڻ جا سپنا ڪافور ٿي ويا هئا.

هنن جي ٻنهني کهڙي سڃاڻپ هوندي؟ جيڪڏهن هنن اسان کان الڳ سنسڪرتي اپنائي ته اسانجي وجود کي خطرو نه هو، جڏهن ته اسين هت اڳ ئي ٿورائيءَ ۾ آهيون!"

پانل گوبندرام جا هيترا انديشا ۽ گمان ٻڌي مرڪيو ۽ ٿهه ٻهه چيائين، "تون سمجهين ٿو ته، مون ان ڳالهه تي نه سوچيو هوندو. مان ان نتيجي تي پهتس ته، شايد ٻيون سنسڪرتيون ان نموني ئي جنم وٺنديون آهن. پهرين ٻيڙا ٺهندا آهن، پوءِ انهن تي اَچ وڃ ٿيندي آهي، ائين پڪيون سڙڪون وجود پائينديون آهن. اسان پار ٿواسين جي ان نموني ئي گڏيل سنسڪرتي آهي. اَج هن ڳوٺ ۾ پهرين وڪ مان ٿو ڪٽان، سڀاڻي شايد ٻي وڪ تون ڪٽين. ائين اَچ وڃ جو سلسلو جڙندو ويندو. هونءَ به ڏٺو ويو آهي ته ٻيون سنسڪرتيون ڳوٺن ۾ ئي جنم وٺنديون آهن ۽ شهرن ۾ اهي جوان ٿينديون آهن. اسان جا پار شهر ۾ رهندا هجن ها ته اسانکي ٻڌائڻ ٻنا ئي ٻاڻ ۾ لاٿون لهي اچن ها!"

"اهو سڀ ته ٺيڪ پر اسانجا رواج، اسانجي ٻولي؟"

"تون جڏهن هتي آيو هئين ته، ڇا توکي مرهٽي ٻولي ڳالهائڻ ايندي هئي؟ ڇاڪاڻ ته اها تنهنجي ضرورت هئي. گوداوري توهانجي گهر ايندي ته ڪيس سنڌي ٻولي سکڻي ئي پوندي. ٻوليءَ سان گڏ توهانجا رواج به اپنائڻا پوندس. جڏهن هوءَ ائين ڪندي تڏهن ئي توهانجي دلين ۾ جاءِ پائي سگهندي. ۽ اهو هميشه کان ٿيندو آيو آهي. سندس اولاد سنڌي ڳالهائيندو ته، اسانکي به، ساڻن ڳالهائڻ لاءِ سنڌي سکڻي پوندي، جيئن توهانکي مرهٽي سکڻي پيئي آهي. نئين سنسڪرتيءَ جو جنم ائين ئي ٿيندو آهي ۽ اهو سلسلو صدين کان جاري آهي.

جڏهن ڪيس ٻت ٻابت دانهون ٻڌايون هيون ۽ پاٽل صاحب جون ٽِماليون ڪاڻيون هيون. هن ڪجهه نه چيو ته پاٽل ئي چوڻ شروع ڪيو، "ٻئي ٻار وڏا ٿي ويا آهن، ساماڻا آهن، اهو ياد ئي نه رهيو. گڏ ايندي ويندي، پڙهندي لکندي، هڪ ٻئي کي دل ڏئي ويٺا. ٻهراڻ نه مان ڪاوڙيس. پارو ئي چڙهي ويو. پر پوءِ اهو سوچي چپ ٿي ويس ته، مقدر جي لکيئي آڏو اچڻ وارو مان ڪير ٿيندو آهيان! سوچيم، ڪاوڙ ۾ ڪو قدم کڻان ۽ ڌيءَ وڃائي ويهان ته پوءِ گوداوري ڪٿان آڻيندس. اهو سوچي چپ ٿي ويس ۽ فيصلو ڪيم ته توهان رشتي جي پڪ ڪري پوءِ گهر موٽندس. ان ڪري اڄ سان تنهنجي در تي ڌيءَ جو رشتو کڻي آيو آهيان. اميد ته، توهان ٻنهي ٻارن جي خوشيءَ خاطر اهو رشتو ضرور قبول ڪندا."

گوبندرام کي من ۾ ٽپ وٺل هو ته پاٽل کي منوهر ۽ گوداوري جي قصي جي ڄاڻ هوندي ته، الائي ڪهڙو قهر ڪندو. پر ان بدران هو پاڻ ڌيءَ جو سڱ کڻي سندس در تي آيو هو. هينئر سوال هو ته اهو رشتو قبول ڪري يا نه ڪري؟ ڪيس اها سڌ هئي ته سندس پٽ منوهر هن رشتي مان خوش هو، پر پوءِ ڪي گمان هن جي من ۾ اڀري رهيا هئا. هن انهن جي سماڌان لاءِ پاٽل طرف نهاري چيو، "توهين ائين نٿا سمجهو ته هيءَ شادي گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪائيندي! توهانجي ۽ اسانجي اٿڻي ويهڻيءَ ۾ فرق، کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي ۾ فرق، آچار وهنوار ۽ جاتي نياتي ۾ فرق، رهڻي رسمون ۽ رواج الڳ الڳ ته ٻولي به ٻي! ان حالت ۾ جيڪڏهن هنن ٻنهي جا من نه مليا ته سڄي حياتي نباهي ڪيئن سگهندا؟ تنهن کانسواءِ سندن اولاد تي ڪهڙو اثر پوندو. هو ٻنهي مان ڪنهن جي سنسڪرتيءَ کي اپنائيندا؟

اونده

دروازو لت سان کولي ٻيڪو گهر اندر داخل ٿيو. گهر ۾ اونده هئي، ٿاٻڙجي ڪري پيو. ڌڪ نه ڪو نه لڳس پر مٽ کن فرش تي پيو رهيو. پوءِ اٿيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين، اونده ۾ ڪجهه به نظر نه آيس. ڪاوڙ وٺي ويس. ڪاوڙ ۾ رڙ ڪيائين، ”سمن ڪٿي آهين؟ گهر ۾ اونده ڇو آهي؟“

سندس زال سمن پريان هڪ ڪنڊ ۾ پٽ ڪسي هنج ۾ سمهاري ويٺي هئي. هن آتان ئي وراڻي ڏني، ”گهر ۾ گاسليٽ نه هوندو ته ٻتي ڪٿان ٻرندي!“

آواز ۾ ٽوڪ هئي. ٻيڪوءَ ان جي پرواهه نه ڪئي. آواز جي ٽوهه تي زال طرف وڌندي چيائين، ”اڇا اڄ ڏينهن ته راشن ڪارڊ تي وٺي آئينءَ. اهو ڪيڏانهن ويو؟“ هو زال جي مٿان ڪان اچي بيٺو.

سمن ورندي ڪانه ڏني. ٻيڪوءَ کي چڙ وٺي وئي. هٿ وڌائي، اونده ۾ ئي زال جا چنڊا ڪڍي جهليائين، ”ٻڌائين ڇو نٿي ته گاسليٽ ڪيڏانهن ويو؟“

”وار ڇڏ، ڇوانءِ ٿـي، مهنجا وار ڇڏ!“ سمن مڙس کي پري ڌڪو ڏيندي چيو، ”اٺي ۾ سڀ ليکا لکهي ٿو وڃين!“

سمن جي ڌڪي اي ٻيڪو ڪريو نه ڪو نه، پر ڌڪجي پري ضرور ٿيو. آتان ئي چيائين، ”پوءِ ٻڌائين ڇو نٿي.“

سمن جي گود ۾ سمهيل ٻـار ٿورو چرلو پرلو. هن گوڏي

رخ بدلائي وهندڙ نديءَ، واپسي رخ ۾ وهڻ چاهيو هو، پر تيستائين سندس راهه ۾ اٽڪيون ۽ ڪاوڻون ڪڙيون ن ئي وڌيون هيون جو اها پنهنجي اصلي دشا ڏي پلٽجي وڃيءَ نئين ۾، طرف پلٽجي وڃي اها ندي، جتان جتان پنهنجو وهڪرو جاري رکي سگهي، اتي اتي، سندس ڪنڌيءَ تي، جيڪي نوان نوان ٻوٽا اسريا، تن مان گهڻا ٻوٽا پنهنجو جا هئا! *

[ڪونج]

هوس. پر هو مجبور هو. ڀنگين کي نوڪريءَ ۾ اهڙي سڀ ڪم ڪرڻا ٿي پيا.

هيڪو پاڻ تي ۽ پنهنجي نوڪريءَ تي لعنت وجهندو هو. هو پڙهيل لکيل ڪونه هو ليڪن سندس جمعدار کيس ٻڌائيندو هو ته ولايت ۾ صفائي ڪرڻ جا طريقا بدلجي ويا هئا. اتي اهڙي ڪم مشينون ڪنديون هيون ۽ ماڻهو صاف سٿرو رهندو هو. هن کيس ٻڌايو هو ته جپان جا ڀنگي سڄو مهينو ڪم ڪرڻ بعد پهرين تاريخ بل ٿا ڏين، سٺا ڪپڙا پائي، پئسا وٺڻ ويندا هئا ۽ آفيسن جا ماڻهو وري اهڙا فضيلت وارا جو انهن کي ڪرسين تي ويهاري، چانهه پاڻي پيئاري، بل جي رقم ڏيئي، سندن مهرباني مڃيندا هئا.
جمعدار جون ڳالهيون ٻڌي هيڪو عجب کائيندو هو ۽ سوچيندو هو ته ڀنگيءَ ۾ اهڙي ڏينهن ايندا ته هو به ڌوتل ڪپڙا پائي آفيس مان پگهار وٺڻ ويندو.

جمعدار سان هيڪوءَ جي دوستي هئي. ڪڏهن اوڌارا پئسا کپندا هئس ته جمعدار کان وٺندو هو. ٻه سال اڳ جڏهن سمن سان شادي ڪئي هئائين ته ڪانئس ٽي سؤ روپيا اوڌارا ورتا هئائين. وري جڏهن کيس پٽ ڄائو ته به جمعدار کان قرض کڻي ڇٽي ڪيائين ۽ دوستن کي ٻيڙا کارايائين.

جڏهن سمن ڏٺو ته گهر جو گاڏو هلڻ مشڪل هو ته هن ٻن ٽن گهرن ۾ ڀاسڻ ٻهاري ڪرڻ شروع ڪئي. ليڪن سندس

ڪـي هلڪو هلڪو لوڏيندي، هٿ سان پٽ ڪـي اُٿڪي ڏيندي، ڏيرج سان چيو، "ٽيون ڏينهن شام جو ٽون پاڻ گاسليٽ وٺڻي آئين. لالٽين ۾ جيترو گاسليٽ پيو هـو، اهـو ڪالهه رات پوري ٿي ويو. تنهنڪري اڄ اوندهه ۾ فاقا! تيل نـه هوندو ته اسٽو ڪٿان ٻرندو؟"

سمن اهو سڀ پڻا ڪنهن اڻڄاڻ، بلڪل نـرم لهجي ۾ چيو، ڪاوڙ ۾ چوي ها تـه جوش ۾ ايڪوءَ جـو پارو اچا ته چڙهي وڃي ها. پوءِ هو پڪ شڪ ڪري ها جيڪا هن کي ڪاڻ وٺندي هئي.

ايڪوءَ جي پگهار دفن ٿيندي هئي داروءَ ۾. سمن گهڻو تي سمجهائيندي هئس تـه ائين شراب ۾ سڀ پئسا بـرباد ڪندين ته گهر ڪيئن هلندو، ٻارڙن جو نباهه ڪيئن ٿيندو. ليڪن ايڪوءَ تي اثر نه ٿيندو هو. البت رات جو جڏهن زال کي پاسو ڏيندو هـو ۽ هوءَ پـري ٿي ڏڪا ڏيندي هئس تڏهن ڪيئي واعدا ۽ قسم کڻندو هو. مگر رات گذري - پاڻ گذري جيان صبوح جو سـڀ واعدا ۽ قسم ڀلجي ويندو هو.

هڪ ڪري ڏسجي تـه ايڪوءَ جو ڪو ڏوهه بـه نـه هو. نيڪي هوندي ڪان تي گند ڪچرو ۽ گرفتي کڻندو پئي آيو. دل ڪچي ٿيندي هئس ته اکيون ڪندو هـو. پوءِ پئن جي سنگ ۾ دارون پيئڻ لڳو. جڏهن ڏينهن گذر پورجي ويندا هئا ۽ ڪـيـس گٽر انـدر وڃـي گند ڪچرو ڪڍڻو پوندو هـو ان ڏينهن سندس حالت خراب هوندي هئي. سچو اسـت ميل ۽ ڪيچڙ سان اُڇڻي ويندو هوس. پوءِ جيستائين شراب جا ٻه ٽي گلاس پيٽ اندر نه ويندا هئس، جيءُ جاءِ نـه ٿيندو

ڏاڍي لوڏي رهي هئي. سمن جو اهو روپ ڪيس ڏاڍو وڻيو. هو سندس اڳيان وڃي، پلٿي ماري ويهي رهيو. ماچيس جي تيلي ٻري وسامي وئي ته هن ٻي تيلي ٻاري. هن اها ٻريل تيلي مٿي ڪئي، سمن جي چهري سامهون جهلي. تيليءَ جي اڻ جهڪيءَ روشنيءَ ۾ سمن جو منهن مهانڊو لاثاني نظر آيس. سندس نڪ ۾ پيل نٿلي ٻڙو تجلا ڪرڻ لڳو. هو سمن جي اهڙي روپ تي مگن ٿي ويو. نشو صفا لهي ويس. هو سمن جي اڃا به ويجهو سري ويٺو. ليڪن سمن هن ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو. هوءَ ته ٻمي گوڏو اوڍيندي رهي.

”سمن، منهنجي هڪ ڳالهه مڃيندينءَ؟“ تيلي وسامي وئي هئي، پيڪوءَ اونده ۾ ئي پڇيو.

سمن ڪنڌ ورائڻ کان سواءِ ئي چيو، ”ڪهڙي ڳالهه.“

”مڃين ته چوان.“

”ٻڌڻ کانسواءِ؟“

”جيڪڏهن تو ڳالهه مڃي ته اسانجا ڀاڳ کلي پوندا.“ هن بلڪل آهستي چيو، چپ چپ.

ٻهراڻ واري لهجي ۽ هن لهجي ۾ ايترو تفاوت ڏسي سمن پيڪوءَ طرف نهاريو. پر اونده سبب هوءَ سندس چهرو ڏسي نه سگهي.

”ڪهڙي ڳالهه، ڪهڙا ڀاڳ، مون ڪجهه نه سمجهو!“

”توکي خبر آهي ممبئيءَ ۾ جڳهه جڳهه تي ”ساپ پڪڙاڻ“ پيا ڏهن! انهن ۾ جيڪي ماڻهو ويندا، اهي پيسا ڏيندا. هٿ ڌوئڻ لاءِ صابڻ ۽ ڦڻي ڏيڻ لاءِ آرسي به لڳل هوندي.“

”پوءِ ڇا ڪريان؟“

”اسان وارو جمعدار چوي ٿو ته هو مونکي اهڙو هڪ ساپ پڪڙاڻو ورائي ڏيندو. مان اتي صاف ڌوتل ڪپڙا پائي گلو

اها آمدني به ايڪوءَ جي نظرن ۾ نٿي پيئي. هو ڏڙڪا ڏاب ڏئي ڪانئس پئسا ڇڏائي ويندو هو.

ان ڏينهن گهٽي ۾ ڊارون پيئندي جمعدار ايڪوءَ کي هڪ خوشخبري ٻڌائي. هن کيس ٻڌايو ته بمبئيءَ ۾ ”سلڀ پائخانا“ ٺهي رهيا هئا جي ڀنگين کي ئي ٺيڪي تي ڏنا ويندا. سلڀ پائخانو معنيٰ ماڻهو پئسا ڏئي حاجت لــي ويندو. جيتري وڌيڪ صفائي ۽ سهوليت اوتري وڌيڪ ڪمائي! هٿ ڌوئـــڻ لاءِ صابڻ ۽ گهنڊي هوندي ۽ وار لساڻڻ لاءِ ڦڻي! مالڪ پنهنجي سامهون ڪئش باڪس رکي ويٺو هوندو ۽ ماڻهو قطار ۾ ايندا ويندا رهندا!

جمعدار جون ڳالهيون ٻڌي ايڪوءَ جـــون واڇون ٽڙي پيئون. ڀانيائين ته هو پـــاڻ اهـــڙي هڪ سلڀ پائخاني جو ٺيڪدار ٿيو ويٺو آهي ۽ ماڻهو قطار ۾ بيٺا آهن جيئن فورٽ مارڪيٽ جي مٽريءَ ٻاهران ماڻهن جي قطار لڳل هوندي آهي. هن سوچيو، هو پاڻ واري سلڀ پائخاني ۾ ڇت وارو پنکو به هڻائيندو جيئن ماڻهن کي گرمي نه ٿئي!

ايڪو گهر موٽيو ته جمعدار جو ڏلاسو ساڻ کڻي آيو جنهن ۾ هن چيو هوس ته هو کيس اهڙو هڪ سلڀ پائخانو ضرور وٺرائي ڏيندو.

ايڪوءَ جو نشو لهڻ لڳو. هن کيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري. ٻرندڙ تيليءَ جي هلڪي پيلي پرڪاش ۾ هن ڏٺو سومن ڪنڌ ۾، پـٽ کيسي هٿ ۾ سنڀاري وٺي هئي. جنهن گوڏي تي سندس پٽ جو ڪنڌ رکيل هو، اهو ٽوڙي

۽ ٻوءِ همت ڪري چيائين، ”جمعدار چوي ٿو هو منهنجو اهو ڪم ڪرائي ڏيندو، جيڪڏهن تون هڪ رات...“ هو اهڙو ٿي ڇٽي سگهيو. ڇو ته سمن هن جي ڳالهه سمجهي، وچ ۾ ئي سندس منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي هئي. هن ٻريل ٻلڻيءَ جيان مڙس تي اُلر ڪندي چيو، ”اي حيا، اي شرم، تون مڙس ٿي زال جي دلالي ٿو ڪرين! تون اهڙو ڪميڻو ٿي سگهين ٿو، اهو مون سوچيو نه ڪين هو!“ هن ٻيڪوءَ کي ٻري ڌڪو ڏيندي گهر جي چيو، ”نامراد، اٿي وڃ هتان ته ڪٿي مان تنهنجو مٿو نه ڦاڙي وجهان!“ وڏي آواز تي ٻچس جاڳي روئڻ لڳو ته سندس گوڏو ٽڪرو هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. ٻار وري سمهي پيو.

زال جي چماٽ ۽ بي عزتي سهي ٻيڪو آهي مان نڪري ويو. هو سڀ حدون اورانگهي، سمن طرف هٿ کڻي وڏي آواز ڇوڙڻ لڳو، ”وڏي آئي آهي ستي ساوتريءَ جي ڌيءَ! مونکي جڻ خبر ئي ڪانهي ته تون ڪيئن جائي آهين! ماڻهين جو رستو ٻڌائڻ چوڪيدار سان ئي ويو هو جنهن مان تون پيدا ٿي آهين! نه ته، ڪٿي تنهنجي ڪاري پيءُ ماءُ ۽ ڪٿي تون سهڻي ۽ گوري! توکي ٻڙهائي لڪائي وڏو ڪنهن ڪيو؟ اُن ٻڌائڻ جنهنجو تون ٽخم آهين!“

سمن جو گوڏو لڏڻ ٿمجي ويو. اکيون ڪليل جو ڪليل رهجي ويس. هوءَ صفا سن ٿي وئي. هن جي سامهون اونده جو مهاساگر هو جنهن ۾ هوءَ غرق ٿيندي ٿي وئي.

سنڀالي وٺندو هوندس، رڳو ٻٽيا ٿيو وٺندس. اصل ڀاڳ ئي کلي ٻوندا!" نيڪوءَ جي چهري تي هاڪ جهڙي روشني ڦهلجي ٻيٺي هئي. ليڪن ڪمري جي اونده ۾ سمن اها ڪانه ڏسي سگهي.

"ڪڏهن وٺرائي ڏيندو؟" سمن بنا ڪنڌ ورائڻ جي پڇيو.

"تمام جلد وٺي ڏيندو، جيڪڏهن..." هو ڳالهه پوري نه ڪري سگهيو. جڻ نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو هوس.

"جيڪڏهن...؟" سمن اڌ ۾ ڇڏيل جملو دهرايو.

نيڪو ڪا گهڙي چپ رهيو. هو ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٻيڙي ڳولهڻ لڳو. ليڪن ٻيڙي ڪانه هئي. ڇڱو ٿيو جو اها ڪانه هئي. نه ته دکائڻ لاءِ تيلي ٻارڻي پوي ها. اها ڳالهه چوڻ لاءِ ڪنهن روشنيءَ جي نه، اونده جي درڪار هئي. آخر جيئن تيئن ڪري چيائين، "اها ڳالهه چوڻ لاءِ ته اڄ ايترو ڏاڍو پي آيو هوس. پر تو نشو ئي ڪافور ڪري ڇڏيو!"

"تو مون تي ڪاوڙ ڇو ڪئي؟"

"تو اونده ڇو ڪئي؟"

"ڇڱو، نشو نه سهين، اونده ته آهي. اها ڳالهه اونده ۾ ئي ٻڌاءِ." سمن اونده ۾ نيڪوءَ طرف نهاريو. هـــن کي نيڪوءَ جون صرف مٽڪيون نظر آيون.

"مهين نه چوان، نه نه نه چوان." نيڪوءَ منهن ٻئي طرف ڦيرائي چيو.

"ٻڌڻ کان سواءِ ئي ها چوان؟"

نيڪوءَ چوڻ لاءِ ڳلو صاف ڪيو. هڪ وڏي ڪوشش ڏنائين. اونده ۾ هٿ وڌائي ڏيئي، پٽ جي مٽي تي هٿ ڏهڪائين

دلشاد

ڇنڇر ڏينهن نوشير ڇٽين ٻجي گهر ايندو هو. اڄ وقت بيڪريءَ تان ڪيڪ بسڪيٽ وٺي ايندو هو. مان پنجين ٻجي وٽس ويندو هوس. دلشاد ڦوڏني جي چانهه ٺاهيندي هئي، سڀ گڏجي پيئندا هئاسين.

پر اُن ڏينهن نوشير گهر ۾ ڪونه هو. مان اندرين در جي چائنٺ وٽ اچي رهيس. ننڍڙي ڪرشما جهولي ۾ سمهي پيئي هئي ۽ ڪمري ۾ پيل صوفا تي دلشاد ويٺي رنو. مان گهڙي پل ڪرشما جي جهولي کي جهولائي، دلشاد جي سامهون وڃي ويٺس. مون کي سامهون ڏسي هن رونڻ بند ڪري ڇڏيو. مون رونڻ جو سبب پڇيس پر هن وراڻي نه ڏني. مون ٽپائيءَ تان سگريٽن جو پئڪيٽ ۽ لائيٽر کڻي سندس هٿ ۾ ڏنا. هن هڪ سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳي. مون سوچيو پل نه من جو غبار ٻاهر نڪريس ته پوءِ پاڻ ئي سلجهندي ته هن ڇو پئي رنو.

هن جڏهن هڪ سگريٽ مان ٻيو سگريٽ دکايو تڏهن مون کانئس پڇيو، "هيئنر ٻڌاءِ، ڇو پئي رنءِ؟"

هن مون طرف ٻدا نهارڻ جي چيو، "اهو تون پنهنجي دوست کان پڇج."

"پر هو آهي ڪٿي جو کانئس پڇان."

هن نوشير لاءِ ڪي اهڙا لفظ چيا جي مونکي نه وڻيا. چيومانس، "توکي پنهنجي مڙس لاءِ ائين چوڻ نه گهرجي."

اونداهه. ڇا صرف هن ڪمري اندر هئي؟ اها اونداهه ته هر طرف، هر ڏسا ۾ ڦهليل هئي! هيءُ سڄو برهمانڊ به اُن اونداهه ۾ گهيريل هو!

اونداهه ...

اونداهه ...

اونداهه ...

اونداهه هن ڪمري جي، اونداهه پيڪوءَ جي من جي، اونداهه برهمانڊ جي ... اونداهه جو هي سامراج سوجهري کي ڳڙڪائي ويو آهي. هينئر سوجهرو ڪٿي به ڪونهي. هتي هتي، هر هنڌ، اونداهه ئي اونداهه آهي! انسان اونداهه جي گرڀ مان پيدا ٿيو آهي. هو اونداهه ۾ رهي ٿو ۽ اونداهه ۾ ئي وليِن ٿي وڃي ٿو. اُن بعد صرف شونيه ئي شونيه آهي!

سمن پٿرايل اکين سان پيڪوءَ طرف نهاريندي رهي. هن کي پنهنجي سامهون پيڪو نه، اونداهه جو هڪ آڪار نظر آيو. ۽ هوءَ، نه چاهيندي به، اُن آڪار ۾ گم ٿي وئي! *

[ساهتڪار]

سڀ آزاديءَ جو نالو نشان ڪو نه هو. عورتون ڄڻ گهرن ۾ قيد ڪيون ويٺيون هيون. مٿان اهڙا ٻنڌڻ وڌا ويا هئا جو سندن گهر مان نڪرڻ محال هو. هڪ ڏينهن هن ڏٺو بس ۾ سفر ڪندڙ هڪ ڇوڪريءَ جي مٿي تان هوا سبب اسڪارف لهي ويو ته ٻئي اسٽاپ تي کيس پوليس جي حوالي ڪيو ويو. عورتن جي تماڪ نوشيءَ تي به بندش هئي. اهو ڏسي دلشاد جو من ڪڙهي پيو. کيس ممبئي ياد آئي جنهن جي آزاد ماحول ۾ ساهه کنيو هئائين. هوءَ نوشير جي هٿ ۾ هٿ ڏئي جوهو جي سمنڊ ڪناري گهمي هئي. ساڻس گڏجي انگريزي فلمون ڏٺيون هئائين. کانئس سگريٽ وٺي ڇڪيو هئائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس گلاس مان وسڪي به پيتي هئائين. پر هتي هوءَ ائين نه پئي ڪري سگهي. هن جو ساهه منجهڻ لڳو، ممبئيءَ واپس ورڻ لاءِ مامي تي زور پرڻ لڳي.

هڪ ڏينهن دلشاد کي ممبئيءَ مان مائٽس جو فون آيو. هن ٻڌايس ته نوشير شادي ڪري ڇڏي هئي. خبر ٻڌي کيس ڏاڍو ڌڪو پهتو. هوءَ اهڙو رني جو اکين جو آب سڪي ويس. بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽر کيس تپاسي چيو سندس شادي ڪرايو ته ٺيڪ ٿي ويندي. ليڪن شاديءَ لاءِ هوءَ تيار نه هئي. مامي ۽ ماڻس جيئن تيئن سمجهائي راضي ڪيس. اتي ايران ۾ ممبئيءَ جو ڄاول هوسي ايراني رهندو هو جنهنجو هڪ گهر اڃا تائين ممبئيءَ ۾ هو. ان سان سندس شادي ڪرائي وئي.

ٻن سالن بعد جڏهن دلشاد ڌيءَ ۽ مڙس سان گڏ ممبئيءَ گهمڻ آئي ته کيس اهو ٻڌي ٻيو دفعو ڌڪو پهتو ته نوشير

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ ڪاوڙجي وئي. خارن مان چيائين، "پوءِ نه ڀل هو مونکي مارون ڪيندو رهي!"

مون کي هن جي ڳالهه تي وساهه نه آيو. ڇو ته هو ٻئي هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندا هئا. شادي ڪئي ڪيائون، اڃا ٻه ٽي هئم. تنهنڪري مون کي دلشاد جي ڳالهه تي وشواس نه پئي آيو. شنڪا ظاهر ڪندي چيم، "توکي مارڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هوس؟"

هن مون ڏانهن نهاريو. چيائين، "ڪارڻ مرد جي فطرت هئي جيڪا اڄ هن منهنجي اڳيان ظاهر ڪري ڏيکاري!"

مان هن جي ڳالهه ٻڌي ٽهرس ۾ پئجي ويس. ٻئي پڙهيل لکيل ۽ آزاد خيالن جا هئا. خوشگوار زندگي ٻئي گذاريائون. پوءِ ڪهڙو ڪارڻ هو جنهن تي نوشير ڪاوڙيو ۽ زال کي ماريائين!

دلشاد جي ماءُ هن شاديءَ لاءِ راضي نه هئي. سبب خانداني عداوت هئي. دلشاد جو مامو اوچتو گذاري ويو ته سندس ماميءَ لڪ ڇپ نوشير جي پهلوان پاءُ سان شادي ڪري ڇڏي. اهڙيءَ طرح هو ڏاڏوءَ واري سڄي ملڪيت جو ڌڻي بڻجي ويو. ان وقت کان هن ٻنهي خاندانن وچ ۾ نفاق پئجي ويو.

دلشاد جي ماءُ کي ٻيو ڪو رستو نه سجهيو ته هن گهمڻ جي بهاني، ڌيءَ ۽ پٽ کي ايران ۾ رهندڙ پنهنجي ڀاءُ وٽ موڪلي ڇڏيو. دلشاد اڳ ۾ هڪ ٻه دفعو ايران مان گهمي آئي هئي پر تڏهن هوءَ ننڍي هئي. هن دفعي ايران ۾ سندس من نه لڳو. هڪ ته نوشير ياد پئي آيس ۽ ٻيو ته اڳ واري ۽ اڄ واري ايران ۾ وڏو فرق پئجي ويو هو. مذهبي ڪٽرپڻي

"واهه، ڇا نه سٺي زندگي گذاريندينس! پيار هڪ سان ۽ گڏ رهڻ ڪنهن ٻئي سان!" هن نوشيرو طرف نهاري چٿر ڪئي ۽ چيائين، "مان برابر چري آهيان، پر تون ٻڌي ڇڏ، منهنجو پيار صرف توسان آهي ۽ هن بعد منهنجو هوسيءَ سان ڪو واسطو نه رهندو!"

"ڇا ڪندينءَ؟"

"هوسيءَ کان طلاق وٺي توسان شادي ڪندس! اهو منهنجو نشچو آهي!"

هوسي ايراني ٽڏي سپاهي جو هو. هو سمجهو هو. تنهن ڪري ڌيرج سان چيائين، "جيڪڏهن تنهنجو اهو ئي فيصلو آهي ته پوءِ منهنجو به هڪ شرط آهي. تون اهو شرط قبول ڪندينءَ ته مان توکي طلاق ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"مون کي تنهنجا سڀ شرط منظور آهن!"

"ٻچي تماشا مان کڻندس. مان کيس پاڻ سان گڏ ايران وٺي ويندس."

"مون کي شرط قبول آهي." دلشاد بي جهجهڪ چيو.

"اڳتي هلي تنهنجو ٻچيءَ مٿان ڪو به قانوني حق نه رهندو!"

"مونکي منظور آهي."

جنهن ڏينهن طلاق نامي تي صحيون پيئون، ان ڏينهن دلشاد هڪ ننڍو سوٽ ڪيس هوسيءَ کي ڏنو جنهن ۾ سندس نيون ڪپڙن ۽ زيورن جو باڪس پيل هو.

نوشيرو ۽ دلشاد جي شاديءَ ۾ مان به شامل ٿيو هوس.

شادي ڪانه ڪئي هئي. سندس ماءُ ساڻس ڪوڙ ڳالهايو، نوشير جي خاندان سان پنهنجو وير پاڙيو هو!

هوءَ ٻڪاٻل شيرڻيءَ جيان ماءُ مٿان چڙهي وئي. هن مڙس کي به نه بخشيو. کيس صاف صاف چئي ڏنائين ته هن جو ساڻس پيار نه هو.

ماڻس سمجهائيندي چيس، ”تنهنجي شادي ٿي چڪي آهي ۽ تون هڪ ڌيءَ جي ماءُ به آهين. تنهن ڪري پراڻيون ڳالهيون وساري، مڙس ۽ ڌيءَ سان گڏ ايران ۾ سکي زندگي گذار!“

”ڪهڙي نموني گذاريندي سکي زندگي جڏهن ته هوسيءَ کي پيار ئي نٿي ڪريان! ڇا مان اهو وساري سگهنديس ته هن مونسان ڌوهه سان شادي ڪئي هئي!“ هن ماءُ کي منهن تي چئي ڏنو.

”بيوقوفيءَ جون ڳالهيون نه ڪر. ان ۾ هن جو ڪو ڏوهه ڪو نه هو. اسان ئي کيس مجبور ڪيو هو! هينئر تنهنجو نوشير سان ڪو واسطو ڪونهي.“

”منهنجو صرف نوشير سان ئي واسطو آهي. مان اڄ تائين کيس پيار ڪريان ٿي ۽ ڪندي رهنديس. مان کيس ٻڌائينديس ته مون سان ڪوڙ ڳالهايو ويو هو. مان مجبور هئس جو امڙيءَ ۾ تون ڪري سچ ڪوڙ جي جاچ نه ڪيم. مان کيس صاف صاف چونديس ته مان صرف هن جي آهيان، ٻئي ڪنهن جي به نه!“

نوشير سندس ڳالهيون ٻڌي چيو، ”چري نه ٿيءُ، جيڪي ٿيو سو ٿيو، هوسي سٺو ڇوڪرو آهي، تون هن سان سٺي زندگي گذاري سگهندينءَ!“

جڏهن وقت هئن وڃي هوسي ايراني جو در کڙڪايو ته دروازو کولڻ وارو پاڻ هوسي ايراني ئي هو. هو پنهنجي دروازي تي دلشاد ۽ نوشير کي ڏسي حيران ٿي ويو. هن سپني ۾ به ڪو نه سوچيو هو ته، دلشاد سندس گهر پهچي ايندي. هن در تان ٿورو هٽي، هٻڪندي چيو، ”اچو اندر اچو.“

دلشاد ۽ نوشير ساڻس جو سلام ڪيو. هن کي ڊپ هو ته هوسي کين ڏسي ڏمرو ۽ بي عزتي ڪندو پر هن اهڙو ڪجهه به نه ڪيو.

جڏهن سڀ ڊرائنگ روم ۾ ويٺا ته هن ماحول کي سول بڻائڻ جي مراد سان نوشير چيو، ”تنهنجي اچڻ جو ٻڌي دلشاد ضد ڪيو ته هوءَ هڪ دفعو نتاشا سان ملي اچي. نيٺ ته ماءُ جي دل آهي!“ ايترو چئي هن هلڪو ٽهڪ ڏنو.

دلشاد ڪجهه به نه ڪڇيو. هوءَ چپ ڪري، نازنين جو هٿ جهلي ويٺي رهي. هوسيءَ سندس ڌيءَ طرف نهاري چيو، ”ڌيئي سهڻي آهي. نالو ڇا اٿس؟“

”نازنين!“ دلشاد جي منهن مان اُماڪ نڪري ويو.

”واه، نالو به سهڻو اٿس! تون پنهنجين ڌيئرن جا نالا سٺا رکندي آهين. پهرينءَ جو نتاشا ۽ ٻيءَ جو نازنين. هڪ روشن ۽ ٻيو پرشن. جيڪڏهن ٽين به ڌيءَ ڄمي ته ان جو نالو انڌيارن رکجو. ڌرم گرنٿ ۾ ٻڌايل آهي ته، ڪنهن سمي ايراني ۽ هندستاني قومون آريه نسل جون هيون. ٻنهي قومن جو ٻيهر سنگم ٿئي ته سٺو ٿي آهي. دوستي وڌندي!“

”مان نتاشا سان ملي سگهان ٿي؟“ دلشاد هوسيءَ طرف نهاري دل جي ڳالهه چئي.

دلشاد جي ماءُ اِي دليو شريڪ ٿي هئي. شادي بلڪل سادي نموني ٿي هئي.

هڪ سال بعد دلشاد هڪ ڌيءُ کي جنم ڏنو. سهڻي ۽ صحتمند ڌيءُ. جنهن جو نالو هن نازنين رکيو.

هڪ ٻيو سال به گذري ويو. هڪ ڏينهن دلشاد ٻڌو ته سندس اڳيون مڙس هوسي پنهنجي نئين زال ۽ ننڍڙا ڌيءُ سان گڏ امبڙيءَ گهمڻ آيو هو.

هن جي دل ۾ پنهنجي ڌيءُ کي ڏسڻ جي زوردار ابلاشا جاڳي اٿي. هن نوشير کي پنهنجي من جي ڳالهه ٻڌائي.

نوشير سندس ڳالهه ٻڌي چيو، "بيوقوف ته نه آهين! تو هوسيءَ سان سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏيا هئا. هينئر ڪهڙي منهن سان کيس اها ڳالهه چوندينءَ؟"

دلشاد جذباتي لهجي ۾ چيو، "ماءُ پنهنجي ڌيءُ سان ملي نٿي سگهي، اهو ڪٿان جو قانون آهي؟"

"اها قانوني رنڊڪ به تہ تو ئي قبول ڪئي هئي!" نوشير کيس ياد ڏياريو.

دلشاد سڏڪو ڀريندي چيو، "ان وقت مون کي هوش ڪٿي هو!" نوشير کي نيزاري ڪندي چيائين، "پليز، نوشير، تون ڪو رستو ڳولي ڪڍ. مون کي صرف هڪ دفعو پنهنجي ڌيءُ سان ملائي اچ."

نوشير سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهه سوچي چيائين، "پوءِ هينئن ٿا ڪريون، نازنين کي به پاڻ سان گڏ وٺي ٿا هلون. شايد اهڙي نموني سندس من نرم ٿئي ۽ توکي ننڍڙا سان ملڻ ڏئي!"

موڪلن ۾ هو ڪيس گهر وٺي ايندا هئا جنهن مان ڪجهه ڏينهن هوءَ پيءُ جي ماڻهن وٽ به رهي ايندي هئي. جيترا ڏينهن نتاشا ماءُ وٽ هوندي هئي، هوءَ سندس هر طرح خيال رکندي هئي. ائين نتاشا وڏي ٿيندي وئي ۽ پوءِ دلشاد کي انهن ڌيءُ ڄائي- ڪرشما!

اُن ڏينهن ڇنڇر هو ۽ دلشاد ٻرياڻي ايتري سٺي ۽ سوادي ٺاهي هئي جو سندس وڏي ڌيءُ نتاشا پنهنجي ننڍي ڀيڻ نازنين جي حصي واري ٻرياڻي به کائي وئي. هوءَ روئڻ لڳي. ماڻس گهڻو ئي پرچايس پر هن چپ نه ڪئي. رسي، اکي سمهي پيئي. جڏهن نوشير گهر پهتو ته پيءُ کي روئي دانهن ڏنائين. ڳالهه بلڪل خسيس هئي پر نوشير کي الائي ڇو ڪاوڙ وٺي وئي. هٿ واريون چيزون پلنگ تي اڇليون، دلشاد جي سامهون وڃي چيائين، "تون سمجهين ڇا ٿي پاڻ کي؟ منهنجي ڌيءُ کي بک ماري، هوسيءَ جي ڌيءُ جو ونجي پيٽ ڀرين!" ڪاوڙ ۾ هو پيو ته الائي ڇا ڇا چئي ويو.

نوشير جون ڳالهيون ٻڌي دلشاد ساڻجي وئي. هن جا هوش ئي گم ٿي ويا. ڪاوڙ ۾ ڇا چئي ويو نوشير انهنجي ڪا سمڪ ئي نه پيس! نازنين سندس ڌيءُ هئي ۽ نتاشا هوسيءَ جي ڌيءُ هئي! ڇا صرف اهو ئي سچ هو؟ هوءَ ڇا هن ٻنهي جي ڪجهه نه لڳندي هئي!

دلشاد جو رت ٽهڪڻ لڳو. ڪاوڙ وچان منهن ڳاڙهي ٿي ويس. نوشير طرف منهن ڪري، ڪڙڪ آواز ۾ چيائين، "اڄ خبر پيم ته نتاشا کي ڪٺي انهنجي من ۾ ڇا هو! پر تون شايد اهو ڀلجي ٿو وڃين ته هن ٻنهي

"ڇو نه، ضرور ملي سگهندين ٿي. آخر تو ئي کيس جنم ڏنو آهي. هوءَ به توکي ياد ڪندي آهي. مون تو بابت کيس ڪيتريون ڳالهيون ٻڌايون آهن. توسان ملي خوش ٿيندي." ائين چئي هو صوفا تان اٿي اندر هليو ويو.

هو جڏهن واپس آيو ته، ڇهن سالن جي هڪ سهڻي ڇوڪري ساڻس گڏ هئي. هوءَ پيءُ جي پرسان اچي دلشاد کي ڏسڻ لڳي. دلشاد جي من ۾ ممتا جون لهرون ڇولهون مارڻ لڳيون. هن صوفا تان اٿي، ڌيءَ کي هنج ۾ وجهي ڪيو. نينگري نتاشا حيرت ۽ حسرت وچان ماءُ جو منهن تڪڻ لڳي.

جڏهن هو واپس موٽڻ لاءِ اٿيا ته، دلشاد دل جهلي، هوسيءَ طرف نهاري، التجا واري نوع ۾ چيو، "ڇا تون ٻن ڏينهن لاءِ نتاشا کي مون وٽ رهڻ جي موڪل ڏئي سگهندين!"

هوسيءَ هڪ پل جي به دير نه ڪئي. چيائين، "بلاشڪ وٺي وڃجانس. نتاشا به تو وٽ رهي خوش ٿيندي."

انهن ٻن ڏينهن ۾ ٿي نينگري نتاشا سڳي ماءُ ۽ ماٽيلي ماءُ جو ڀيد جاچي ورتو. ٻن ڏينهن بعد هوءَ ڪنهن به طرح ماءُ کي ڇڏي، پيءُ جي گهر وڃڻ لاءِ تيار نه ٿي. جڏهن هوءَ تمام گهڻو روئي تڏهن فيصلو ڪيائون ته نتاشا پنهنجي ماءُ وٽ ٿي رهندي ۽ پرورش پائيندي. پر شرط اهو ته سندس پڙهڻ لکڻ ۽ ٻئي سموري خرچ جو ذمو هوسيءَ جو هوندو جيڪو هن جو قانوني وارث هو!

ڪجهه مهينن بعد دلشاد ۽ تنوير فيصلو ڪري، نتاشا کي پنچگني جي هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ داخل ڪرائي آيا.

نڙيءَ ۾ اٽڪي پيل لفظ

آدمي چاهيندي نه چاهيندي ڪن عادتن جو آدي ٿجي وڃي ٿو. نارائڻ به ڪن عادتن جو آدي ٿجي ويو هو. مثال طور صبح جو برش ڪرڻ بعد کيس فورن چانهه نه ملندي ته گهر مٿي تي کڻي ڏيندو. ڪيڏانهن وڃڻو هوندس، وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هوندو ته ٻيرن تيار ملڻ گهرجيس. دير ٿيندي ته ٻه ڳالهيون ڪندو. ڪاوڙجندو بسا اڪثر بيٺ هليو ويندو. سزا گهر وارن کي به ته سزا ٻارن کي به ڏيندو!

ڪاوڙ ۾ هوش حواس وڃائي ويهندو هو. ڪجهه به چئي ڏيندو. موقعو محل به نه ڏسندو. پيو ڪير ڇا سوچيندو، ان جو ويچار به نه ڪندو هو. پر اها سڀ ڪاوڙ ۽ غصو چنبڙيندو هو بيچاري زال راميءَ مٿان! جڏهن ڇوهه چڙهي لهندو ته آخر ۾ چوندس، ”آهين نه ڳنڌڙي، ڏيان ٿي ڪين ٿي ڏين!“

رامي سندس عادتن ۽ ضرورتن کان واقف هئي. انڪري هوءَ کيس ڪاوڙ ڪرڻ جو موقعو گهٽ ڏيندي هئي. هوءَ صبح جو اٿندو ته پاڻ به اٿندي هئي. هو برش ڪري، منهن اگهي، بالڪنيءَ ۾ وڃي ويهندو ته هوءَ چانهه جو ڪوپ آڻي سندس اڳيان رکندي هئي. اخبارون به کڻي اڳيان رکندي هيس.

نارائڻ زال تي غصو ڏاڍو ڪندو هو جڏهن هوءَ ڪنهن ڪم ۾ گهڻو ڪندي هئي. ڪپڙا استري ڪيل نه هوندا يا رومال ڌوتل نه ڏيندس ته هن جو پارو چڙهي ويندو هو. هو

پر توهان مردن جو فقط هڪ ڦڙو رت جو شامل آهي، باقي سمورو رت منهنجو آهي. هن پڇي ڇو آنءُ منهنجي آنڊي سان ڳنڍيل هو. منهنجي ڪک ۾ هن جي پرورش ٿي آهي. پر جيئن ته ٻنهي جي خون ۾ ڪنهن ٻئي مرد جو خون مليل آهي، ڳالهه توکان برداشت نه ٿي سگهي آهي ۽ اڄ اها ڳالهه تنهنجي من مان ڦاٽ ڪري ٻاهر نڪري آئي آهي!"

نوشير جو مزاج اڳي ئي خراب هو، مٿان زال جي ڦٽڪار ٻڌائين ته آڪي باقي پاڻيءَ مان نڪري ويو. ڪاوڙ ۾ اچي دلشاد جي ڳل تي چماٽ هڻي ڪڍيائين ۽ گهر مان نڪري هليو ويو. ☼

[ساهتڪار]

هجي ها ته توهان مون سان ايتري ٻڌي نه هجين ها.“ هوءَ مڙس کي چيڙائڻ لاءِ ائين چوندي هئي ۽ هو سچ پچ چڙي پوندو هو.

”هاڻي اها ٻڪ ٻڪ بند ڪر گڏهڙي!“ هو پنهنجو رٽيل لفظ دهرائيندي چوندو هو.

رامي اندر ئي اندر مرڪندي، مڙس جو ڪپڙو استري ڪرڻ لڳندي هئي.

رامي ۽ نارائڻ ٻاهر ڪڏهن نه ٺهيا. ڪنهن نه، ڪنهن ڳالهه تي ضرور وڙهندا هئا.

رامي مڙس کي چوندي: هينئر توهان جوان ڪونه رهيو آهين جو سڄو ڏينهن وتين ٿو ٽنگون هڻندو.

نارائڻ زال کي چوندو: نه نه، ڇا سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي تنهنجي شڪل ڏسندو رهان!

”ڇو، منهنجي شڪل اهڙي خراب آهي ڇا جو توهان ڏسي نٿو سگهين؟“ رامي ناراضپي وچان چوندي هئي.

نارائڻ منهن ڇڀو ڪري چوندو هو، ”٤٠ سالن کان ته ڏسندو پيو اچان اها هڪ ئي شڪل! اڃا پيو ڪيترو وقت پيو ڏسندس؟“

راميءَ کي ٻرو لڳو هو. هوءَ من ئي من ۾ پڇتائي ويٺي هئي جنهن ۾ پيل اَن جي داڻي جيان! هيڏاهن جاڻ لڳو هئس. منهن ڪوڙو ڪري چيو هئائين، ”هائو، برابر. مسان هينئر ڏسڻ لائق ٿوروئي آهيان. مان ته هينئر ڪڏهن مثل آهيان. مان مران ته توهان نئين شڪل صورت واري گهر آڻي ويهارجو. روز پيو انهي ڏسجو!“

هڻي ٽڪر، ۽ هوءَ اونڌيءَ مهل سندس ڪپڙا استري ڪرڻ ويهندي ته، هو ٽوال ٻڌي، گهر ۾ ڦيرا پائيندي، مٿس وسڪارا پيو ڪندو.

"گدڙي، توکي رات جو چٽي چڙيو هوم ته، مونکي صبح جو ڪپڙا ٺهن وٽو آهي، پوءِ تو رات جو ئي ڪپڙا استري ڪري ڇو نه رکيا؟"

رامي ڪنڌ مٿي ڪڻڻ کان سواءِ، ناراضپو ظاهر ڪندي چوندس، "پيو ڪجهه ته چئبو، مون کي گدڙي نه چوندو ڪر. نه ته وڙهي پوندي سانءِ!"

ناراض ٿيندي ڪندي چوندس، "نه ته ڇا منڊي چوانءِ؟"

رامي خاڻ وچان وراڻي ڏيندي هيس، "منڊي چوڻ لاءِ زبان ڪٽي ائينءِ!"

پوءِ ٻئي زال مڙس اٿي ۾ ٻڌجي ويندا هئا.

مڙس چوندو: توهان مهڙجي محبوبا ڪانه آهين جو توکي منڊي ڪوٺيان!

زال به اڳتي نه پوندي: شڪل ڏٺي اٿئي پنهنجي؟ هن عمر ۾ به محبوبا جون سڪون پيو ڪرين! مون کانسواءِ ٻي ڪا ڏيکار نه سهين؟

ناراض زال جي هٿن مان استري کيل سٽي وٺي، ٽوري وانگي ڪندي، چوندس: محبوبا کڻهن کي ڏيکاراي ٿووني آهي، ۽ وري زال کي ته هرگز نه. ان سان ته اڪي ٽيجي عشق ڪبو آهي!

مڙس جي اهڙي لپاڙ تي راميءَ کان ٽهڪ نڪري ويو هو. ڏانهس نهاري، ٽوڪڻيءَ وچان چيو هئائين، "مون ڏٺيو آهن تهنجون محبوبائون! اهي صرف تهنجين ڪهاڻين ۾ ئي موجود آهن، سچا ۾ ڪا هڪ به ڪانهي!"

"منهنجي صلاح مڃين ته، اڄ تون هيءَ پيلي، گولڊن زريءَ جي ڀرت پر ٻنارسي ساڙهي پائي هل. اِن ساڙهيءَ ۾ تون چمڪندي آهين!"

راميءَ مڙس جو منهن تڪڻ لڳي. "چمڪندي آهين!" جملو سندس ڪنن کي وڻيو هو. اهو جملو هن گهڻن سالن کانپوءِ ٻڌو هو.

هوءَ ڪٻاٽ کولي، پيلي، زريءَ جي ڀرت واري ٻنارسي ساڙهي ڳولڻ لڳي.

* * *

هڪ ڏينهن هو ڪپڙن جي ڳالهه تان پاڻ ۾ وڙهيا هئا. اُن ڏينهن راميءَ اهڙي رنگ جي ساڙهي پائي ورتي هئي جو گهر ڌياڻيءَ بجاءِ، گهر جي ڪم واري مائي ٿي لڳي. نارائڻ کيس ان ويس ۾ ڏسي چڙي پيو. ڪهڙي آواز ۾ چيائينس، "تون گهر جي مالڪڻ آهين يا ڪم واري مائي؟"

راميءَ به ساڳئي نموني آواز جي واليوم کي وڌائيندي چيو، "ڪم واري مائي نه آهيان ته، ڇا آهيان!" ساعت ترسي چيائين، "جهڙا هوندا، تهڙائي ته پائيندس."

مڙس کي زال جو اهو ٽوڻ نه وڻيو. پر اڄ هو جهيڙي ڪرڻ جي موڊ ۾ نه هو، نهٺڪري ٺهر سان چيائين، "ان ساڙهيءَ کان ته تون سلوار قميص پائين ها ته بهتر هو. ان پوشاڪ ۾ تون پنهنجي عمر کان گهٽ ننڍي لڳندي آهين!"

"سو ڇا، ننڍي لڳڻ سان تون مونکي ڪيڏانهن گهمائڻ وٺي ويندين؟"

"وري ساڳي ڳالهه. جڏهن ڳالهه تان مونکي چڙ لڳندي آهي، اها ئي ڳالهه ٿي چوين!" نارائڻ خفي ٿي چيو.

"جيڪا چاهيندو ته ضرور چوندس."

نارائڻ راميءَ جو منهن تڪڻ لڳو. هوءَ اڪثر اهڙا مٺا ڪيس ڏيندي رهندي هئي. هو ڪڏهن اهي برداشت ڪندو هو ته ڪڏهن برداشت نه ڪندي، ڳال کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو.

”گڏهڙي تڏهن ئي ته چوندو آهيانءِ! مان جڏهن به ڪيڏانهن وڃان، تون اهڙي نموني ٽوڪيندي آهين!“

”توکي گهڻا دفعا چيو اٿم مون کي گڏهڙي نه چوندو ڪر!“

”تون جڏهن به ٽوڪ هڻندينءَ، مان چوندوسانءِ - گڏهڙي. گڏهڙي ... گڏهڙي!“

آماڪ رامي کلڻ لڳي هئي. کلندي کلندي چيو هئائين، ”مون کي گڏهڙي چئي بلاشڪ پنهنجي دل خوش ڪر. پر ٻيڏي چئُ، تنهنجي هوءَ نئين شڪل صورت واري هرگز برداشت نه ڪندءِ!“

اُن رات ٻنهي کي ڪنهن شاديءَ تي گڏ وڃڻو هو. راميءَ سنگهار پر ڌيان پئي ڪئي. کيس ڪا ساڙهي نه پئي ڪانه پئي وڻي. پنهنجي وڏيءَ نهن کان اسرانون رنگ جي ساڙهي ورتي هئائين. پر اُن رنگ جو مئچ اسلائوز کيس پورو نٿي آيو. تنگ ٿي مڙس کي چيائين، ”مان ڪونه ٿي هلان، تون اڪيلو ئي وڃ.“

نارائڻ کيس سمجهائيندي چيو، ”اڪيلو ويندس ته ڏورانبو ملندو. چوندا، شاديءَ تي به ڳال کي ساڻ وٺي نه آيو آهي. تنهن ڪري تون ضرور هل.“

”نه ته ڇا پراڻا ڪپڙا پائي هلان؟“

جاءِ ڪئي. هُو زال جي سامهون، پلنگ تي ويهي رهيو.

”طبيعت ته ٺيڪ اٿيئي نه؟“ هن راميءَ کان اُن تي پڇيو.

”ڇاتيءَ ۾ ٿورو سور پيئي محسوس ڪريان.“ راميءَ هنياءُ تي هٿ رکي چيو.

”ڊاڪٽر کي فون ڪريان؟“

”نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. گوري ورتي اٿم.“

”پوءِ مون کي ڇا لاءِ ٿو ستائين؟“

”توسان ڪيئي ڳالهيون ڪرڻيون اٿم، ان ڪري!“

۽ هُو سندس سامهون ويهي، هن جون اهي ڪيئي ڳالهيون ٻڌندو رهيو.

راميءَ اڄ عجيب موڊ ۾ هئي. مڙس سامهون دل جو حال اورڻ ويٺي ته ڪڇڙي جي ٽان وانگر کلندي ويئي. ڪڏهن ڏک، سور جو ته ڪڏهن خوشيءَ جي گهڙين جو اظهار پئي ڪيائين. هوءَ مڙس تي ڪڏهن خوش هئي، ڪڏهن ناراض، ڪيس سڀ ٻڌائڻ لڳي. جڻ دل ۾ سانيل دفتر کولي ويٺي هئي. پر ايترو گهڻو ڳالهائڻ سبب هوءَ ٿڪجي پيئي ۽ سهڪڻ لڳي. ناراڻ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏنس. پاڻي پيئڻ بعد به سندس ڌڪو بند نه ٿيو. ڪمري مان نڪري، ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺي، ته به سهڪو چالو هوس.

ناراڻ پريشان ٿي ويو. گهر ۾ ٻيو ڪير ڪونه هو. هُو ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ لڳو ته اڌ رستي ۾ پئي ٺهر اچي پهتيون. هُو اچڻ شرط راميءَ جي ٽهل ۾ لڳي ويئون. ڊاڪٽر ڊسپينسري بند ڪري، گهر هليو ويو هو. اوڏي مهل

”نه پيلا واڱي چڱا!“ ائترو چئي، نارائڻ هليو ويو هو.

راميءَ دل جي مريض هئي. هميشه گوڙهون ڳڙيي وندي هئي. گوڙهون جڻ نه هن جي سرير جو حصو ٺهي ويون هيون. سندس فئملي ڊاڪٽر، هفتي پندرهين ڏينهن گهر ۾ اچي، کيس تپاسي ويندو هو.

اڄ ڏينهن راميءَ پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي هئي. نارائڻ کي ڪنهن سان ملڻ وڃڻو هو. پٽ صبح جو ڊيوٽي تي هليا ويا هئا. ٻار اسڪول ۽ ڌيءُ ڪاليج ويئي هئي. ٻئي نهر گهر جي ڪم مان فارغ ٿي، ڪرافورڊ مارڪيٽ ويئون هيون.

نارائڻ سنهري بريف ڪيس کڻي، ٻاهر نڪتو پئي ته راميءَ سڏ ڪري چيس، ”هيڏانهن، اڄ تون ڪيڏانهن نه وڃ. هتي ويهي مون سان ڳالهيون ڪر.“

نارائڻ تعجب وچان زال طرف نهاريو. چيائينس، ”ڇرڪي ته نه ٿي آهين. مون ڪنهن سان ملڻ جو وقت رکيو آهي. نه ويندس ته هو ڇا چوندو؟“

”تون ڇا ڪنهن ڏينهن به منهنجي ڳالهه نه مڃيندين؟“ راميءَ جڻ التجا ڪندي چيو، ”اڄ تون منهنجي ڳالهه مڃ، ڪيڏانهن نه وڃ. مون کي توسان ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻيون آهن.“

۽ نارائڻ، جيڪو زال جي هڪ نه ٻڌي، بريف ڪيس پنهنجي جاءِ تي رکي، چپ ڪري زال جي سامهون وڃي ويٺو.

راميءَ ٿورو پري سري، مڙس لاءِ پلنگ تي وهڻ لاءِ

رامي گهڙيءَ پل جي مهمان هئي، اهو سمجهڻ ۾ هن کي ويرم نه لڳي. رامي جيڪا هن جي جيون سنگني هئي، جنهن هن سان چاليهن سالن تائين نباهيو هو، جيڪا سندس عادتن ۽ ضرورتن کان واقف هئي، اها رامي اڄ هن کان هميشه لاءِ وداع وٺي رهي هئي!

هن جي ذهن ۾ هڪ پڙاڏو گونجيو. ته ڇا راميءَ کي سرت پئجي وئي هئي ته اڄ هوءَ هن گهر ۾ آخري ڏينهن هئي! ان ڪري هن کيس ٻاهر وڃڻ کان روڪيو هو؟ کيس پنهنجي سامهون وهاري دل جو حال اوريو هو؟ پر هيءُ ڊاڪٽر ڪيڏانهن ويو؟ راميءَ جا پٽ ڇو ڪين پهتا هئا؟ ڇا ڪنهن سندن رستو روڪي ڇڏيو هو؟ سندن مت ڪسي وئي هئي؟ ڊاڪٽر، جيڪو راميءَ کي ماءُ سمان عزت ڏيندو هو، پاڻمرادو هفتي ٻئي ٽئين ڏينهن اچي کيس ڏسي ويندو هو، پنهنجي ٽريٽمينٽ بئگ ۾ هميشه راميءَ لاءِ امرجنسي انجيڪشن موجود رکندو هو، فون تي اطلاع ملڻ باوجود، اڃا تائين نه پهتو هو! راميءَ جا پٽ، جي ماءُ تان گهور گهوران ويندا هئا، ماءُ جي حالت ٻڌڻ کانپوءِ به، اڃا نه آيا هئا!!

۽ هو پاڻ، راميءَ جو پتي، جيڪو زال سان هميشه جهيڙو ڪندو رهندو هو، سندس سامهون موجود هو، پر هو لاچار ۽ بيوس بڻيو، کيس صرف ڏسندو ئي رهيو هو- اکيون ڦاڙي!

راميءَ جون اکيون ٻوٽجيون پئي ويئون. ايئرڪنڊيشن چالو هوندي به سندس بدن ٻڳهرجي ويو هو، بدن جو رنگ آهستي بدلجي ميرانجهڙو ٿيندو پئي ويو. وار آپوڳا ٿي، اُڀا ٿي ويا هئا. فضا ۾ ڄڻ مارُو سنگيت گونجي رهيو هو!

ڏيئي به ڪاليج مان موٽي آئي. چيائين، پروفيسر ڪونه آيو هو انهن ڪري هوءَ گهر موٽي آئي هئي. هوءَ ماءُ کي سهڪندو ڏسي، پيءُ تي ڏمرجي وئي. پيءُ طرف شوڪي نهاري چيائين، "ضرور توهان ماءُ کي ڪجهه چيو هوندو!"

پيءُ ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪئي پر ڏيئي کي وشواس نه آيو. هوءَ پنهنجي منهن ٻڙ ٻڙ ڪندي ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ لڳي.

راميءَ جي طبيعت وڌيڪ بگڙي وئي. کيس ڪمري اندر پلنگ تي سمهاري، آڪسيجن چالو ڪئي وئي.

ڊاڪٽر چيو، هو لنچ ڪائي فورن پهچندو. ڏيئي پنهنجي پاڻ کي به جلد اچڻ لاءِ چيو. پر ڪافي دير ٿي ڪير به نه پهتو. راميءَ جا هٿ پير ٿڌا ٿيندا ويا. پئي نهرو، گرم تيل سان سندس هٿن پيرن جي ترين تي مالش ڪرڻ لڳيون. ڏيئي گهٻراهٽ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون پائڻ لڳي. پر نه ڊاڪٽر ۽ نه راميءَ جا پٽ ئي پهتا!

سڀ بدحواس ٿي ويا. راميءَ جڻ ته سندن هٿن مان کسڪندي پئي وئي. هوءَ ختم ٿيل تيل جيان، پل پل اجهامندي پئي وئي!

نارائڻ ڪاٺ بڻجي ويل نگاهن سان راميءَ جي سرير کي ڏسڻ لڳو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هو ڪنهن زنده ۽ سجاڳ سرير کي موت جي آغوش ۾ ويندو ڏسي رهيو هو. هو پروڙي ويو ته ملائڪ اچي پهتا هئا جي ڪنهن به وقت راميءَ جي آتما کي پاڻ سان گڏ وٺي هليا ويندا!

تخليقي ڪرڻ

مان هڪ ڪهاڻي لکڻ ٿو چاهيان. ان ڪهاڻيءَ جو موضوع پيار ۽ محبت آهي. مون ٻه ڪردار چونڊي ڇڏيا آهن. هڪ سهڻي ڇوڪري آهي ۽ هڪ ڳڀرو جوان آهي. ٻنهي ۾ ڀرپور پيار ڏيکاريندس ۽ پوءِ ٻنهي جي شادي ڪرائيندس. ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي سکانت ڪندس.

ڇوڪري منهنجي ڏٺل آهي. هوءَ اهڙي سهڻي، موهڻي ۽ سٺي آهي جو ڪهڙو به جوان مٿس هرڪو هاري ويهندو. هوءَ جڏهن صبح جو وهنجي، آلا وار ڇنڊيندي، بالڪنيءَ ۾ اچي بيهندي آهي ته مونکي رابيل جي گل جيان ٽڙيل، تازي ۽ سڳنڌي لڳندي آهي! سندس سونهن جو تاب جهلڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. مان اخبار مان نظرون هٽائي بار بار کيس ڏسندو آهيان. سهڻا ۽ موهڻا مهانڊا مونکي ٻه وڻندا آهن. هوءَ مونکي نارائڻ شيام جي ڪنهن اهڙي غزل جيان ڀاسندي آهي جنهنجي پڙهڻ سان من ۾ جماليات جا احساس جاڳي پوندا آهن.

مون ان سهڻي، موهڻي ۽ سٺي ڇوڪريءَ لاءِ هڪ اهڙي نوجوان جو انتخاب ڪيو آهي جيڪو مردانگي حسن جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. هو ٺاهوڪو جوان نه هجي ها ته ماڊل ٻڻجي نه سگهي ها. انگريزي مخزن ۾ هن جا فوٽا ڇپجندا رهندا هئا.

مان ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريندس ته هوءَ سهڻي ۽ سڳنڌي ڇوڪري ان نوجوان کي پيار ڪرڻ ٿي لڳي. ساڻس ملڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. فون نمبر هٿ ڪري ساڻس ڳالهائڻ ٿي چاهي. زمانو بدلجي ويو آهي. اڄ جيان ڇوڪريون شرميليون

ٺيڪ اُن پل، اُن ڏهڙيءَ ناراڻ جي گهٽجي ويل نڙيءَ مان رڙ نڪتي، ”رامي، گڏهڙي، ڪيڏانهن ٿي وڃين!؟“

هڪ لمحي لاءِ، صرف هڪ لمحي لاءِ، راميءَ جي ئي سرت سرڪ ۾ ٿوري چرپر ٿي. هن اڌ و گاهيون اکيون کوليون ۽ مڙس طرف نهاري، پنهنجو هڪ هٿ آهستي آهستي اوڀو. ڄڻ چوندي هجي: الوداع!

۽ ٻئي لمحي هن اکيون پوري ڇڏيون.

راميءَ جي چالائي بعد ناراڻ کي ماٺ وٺي ويئي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ گهٽجي ويس. گهر ۾ سڀ سندس خيال رکڻ لڳا. ڪيس ڪنهن ڳالهه ٿي ڪاوڙ ڪرڻ جو موقعو ٿي نٿي ڏناءُون. مگر وقت تي چانهه، ٿيون ۽ ٻئي وقت ماني ملڻ لڳس. ڪپڙن سان گڏ استري ٿيل رومال ۽ ملندو هوس.

پوءِ ا. هن جو من منجهڻ لڳو. ڪنهن ڳالهه ۾ دل ڪانه پئي لڳس. ڄڻ نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو هوس. ساهه کڻڻ ۾ پاڻ ۽ تڪليف ٿي رهي هئس. گهر وارن کيس ڊاڪٽر کان چيڪ اَپ ڪرائڻ جي صلاح ڏني، پر هن سندن صلاح نه مڃي. چيائين کيس ڪا بيماري ڪانه هئي.

پر اُن رات سندس رڙيون ٻڌي سڀ ڇرڪ ڀري اٿيا. ٻهراڻ وڏا، پوءِ ننڍا، گهٻرائجي، اکيون مهٽيندا، هن جي ڪمري ڏانهن ڊوڙيا. هن ڏٺو، سندن ڊنل، ننڊ ۾ رڙيون ڪري، گڏهڙي ڇئي، چلائي رهيو هو! ✻

[مرڪ]

توهان کي چيو ويو ته الله جي رستي ۾ وڙهڻ لاءِ [سڀ ملي] نڪرو ته توهان ماڻهو پنهنجي ملڪ جي [محبت] طرف جهڪي ويو ٿا. ڇا توهان آخرت جي مقابلي دنيا جي زندگي پسند ڪيو ٿا؟ [جيڪڏهن ائين آهي] ته ياد رکو ته دنيا جي زندگيءَ جو سامان آخرت جي مقابلي ۾ صرف هڪ حقير شيءِ آهي.“

قرآن شريف ۾ درج ذيل مٿيون فرمان پڙهي مان دوست جو منهن تڪڻ لڳس. هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”تون سنڌ کي ياد ڪندو آهين. چوندو آهين ته اها تنهنجي جنم آستان آهي ۽ اها ڌرتي، جنهن تي تو جنم ورتو، جنهنڪري تون ماءُ جو درجو ڏيندو آهين، ليڪن هڪ مومن لاءِ ڌرتيءَ جو ڪو مهتو نه آهي!“

مون ڪجهه سوچيندي چيو، ”اسين جو هيتريون خبرون پڙهندا ۽ بي.بي.سيءَ تي ٻڌندا آهيون ته، سنڌي مسلمان پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيا آهن ۽ نعرو هڻي رهيا آهن ته: ”سنڌ بچايو، سونهن بچايو.“ ته اها ڇا آهي، ڇا جي لاءِ اها ويڙهه آهي؟ سنڌ جي شاعر شيخ اياز جو هڪ شعر آهي: ”سنڌ ديش جي ڌرتي توتي سيس نوايان، ماٿي لايان!“ گلف وار جي پڄاڻيءَ تي جڏهن ڪويت جو عرب سلطان واپس پنهنجي وطن وريو ۽ جهاز مان لهڻ شرط ڌرتيءَ اڳيان نميو، اوندو سمهي پيو ۽ کيس چمڻ لڳو ته اهو ڇا هو، ڇا اها ڌرتيءَ جي عبادت نه هئي؟ اها ان ڌرتيءَ سان محبت ۽ عقيدت هئي جنهن ڌرتيءَ جو سلطان رهواسي هو! اهو منظر سڄي جڳ جهان ٽي.وي.تي ڏٺو هو!!“

دوست دليل ڏيندي چيو، ”هڪ طرف اهو سچ آهي ۽ ٻئي طرف اهو سچ آهي ته هتي اسان وارا هموطني مومن

نه رهيون آهن. هو ڇوڪرن اڳيان پيار جو اظهار ڪرڻ ۾ هڇڪن يا هٻڪن ڪونه ٿيون!

مان گهڻو ڪري لکان پڙهان صبح جو سويل اٿي. لکڻ کان اڳ، چانهه جو هڪ ڪوپ پيئان. ٽي.وي تي بي.بي.سي جون خبرون ٻڌان ۽ پوءِ اخبارون پڙهان. ان بعد باقاعدي ۾ ويهي لکڻ شروع ڪريان. پر ان ڏينهن لکڻ جو موڊ اصل نه ٿيو. ڪجهه ڏينهن کان بابري مسجد ۽ رام جنم ڀومي مندر جو وواد ايترو وڌي ويو هو جو اخبارن ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. ماڻهو اي آرام ٿي پيا هئا. سڄيءَ دنيا جون نگاهون ان مسئلي تي اٽڪيل هيون. ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ان وواد جو حل ڪهڙو نڪرندو. ٻئي ڌريون ضد تي هيون. سري پري جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪو به تيار نه هو. معاملو مذهبي نه، پر جذباتي هو!

مذهبي من ۾ هڪ ويچار پئي ڦريو ته مندر-مسجد جهڳڙي ۾ اصل چيز ڌرتيءَ کي نظر انداز ڪيو ويو هو. اها ڌرتي ئي نه هئي جنهن تي هيءَ اڏاوتون ٺهيل هيون. ڌرتي مول جڙ هئي، ستيه هئي، ٻيا سڀ پيداوار آهن، ڪن مَتن جو پرچار آهن، پوءِ اهي مندر هجن چاهي مسجدون، گرجا گهر هجن چاهي گردوارا! پيداوار جيئن ته ڀرم آهن، مٿيا آهن، تنهن ڪري ناسونت آهن. اصل پوڄا لائق هيءَ ڌرتي آهي جنهن تي هر ساهواري جنم ورتو آهي. پر ماڻهو ان سچ کي، حقيقت کي، پروڙي نه سگهيا آهن جنهن سبب ڀٽڪيل آهن.

مذهبا ويچار ٻڌي، مذهبي هڪ دوست قرآن شريف جو سنڌي ترجمو کڻي آيو. هڪ فرمان سامهون ڪيائين. لکيل هو: ”اي مومنو! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو جڏهن

مٿان مڙهي ڇڏيا. مندرن مٿان مسجدون ۽ گرجائون ڍاهيون ويئون. ماڻهن جا ڌرم بدلايا ويا.

غلام قومون جڏهن آزاد ٿينديون آهن ته اهي ماضيءَ جي زخمن کان مڪتي چاهينديون آهن. مذهبي بنياد تي جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ته هندو راشٽرواد ۾ جا زخم تهائين وڌي ويا. هنن انهن زخمن کان ڇوٽڪاري جو علاج ڳولهڻ شروع ڪيو. اڄ واري هيءَ تحريڪ ان جي شروعات هئي. ڪارڻ اهو به هو ته ٻي ڌر، مسلم آبادي، جا ٻڻ هن ئي ڌرتيءَ جو انش هئي، هن ئي ڌرتيءَ تي پلجي ۽ اسري رهي هئي، اها ڀارتي ڌارا کان مختلف رخ ۾ وهڻ لڳي هئي!

مان ڪجهه ڏينهن ڪهاڻي لکڻ ملتوي ڪري ٿو ڇڏيان. ڇو ته ڇهين ڊسمبر ٩٢ کان پوءِ سڄي ديش ۾ هنسا ڦهلجي وئي هئي. انساني جان ۽ مال جو اڪيچار نقصان ٿيو هو. مندر ۽ مسجدون جلايا ويا هئا. ان وقت نه ڪنهن کي الله ياد هو ۽ نه ايشور! ان وقت صرف نفرت هئي جا ڪانئن اهو سڀ ڪرائي رهي هئي. ٽي.ويءَ تي ڏٺم ۽ اخبارن ۾ پڙهيم ته ممبئيءَ جهڙي صلح پسند شهر ۾، جنهن کي مني هندستان چيو ويندو آهي، فساد شروع ٿي ويا هئا. جوڳيشوريءَ ۾، هڪ ئي قوم جي ماڻهن کي جيئري جلايو ويو هو. ان جي جواب ۾، ٻيءَ قوم وارن، هڪ محلي جون بجلي بتيون ڪٽي، اوندهه ۾ نه صرف جان ۽ مال جو نقصان ڪيو پر هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان ساموهڪ بلاتڪار پڻ ڪيو. اهو پڙهي منهنجو هياءُ ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳو. مون کي سنڌ جي ليکڪ امر جليل جي هڪ

”وندي ماترم“ چئي ڌرتيءَ کي سلام ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهن!“

مان دوست جي ان دليل تي لاجواب ٿي ويس. سوچڻ لڳس ته پنهنجي ديش ۽ ڌرتيءَ کي پيار ڪرڻ، عزت ڏيڻ، هر ديشواسيءَ جو فرض هئڻ گهرجي. پنهنجي ملڪ خاطر ماڻهو جان جي بازي لڳائيندا آهن. نه ته پوءِ هي لشڪر ڇا جي لاءِ آهي!؟

منهنجو ڌيان الائي ڇو ٻين ڳالهين طرف هليو ويو آهي. مونکي هن ڌرمي ۽ مذهبي ڳالهين ۾ الجهي ڇا وٺڻو آهي؟ مونکي ته هڪ ٻيءَ کهاڻي لکڻي آهي جنهن جي پڄاڻي سڪانس ڪرڻي اٿم.

چانهه پيئندي ٽي. وي. چالو ڪيم ته ڏٺم ايوڌيا ۾ ممڻ مچيل هو. لکين مرد ۽ زالون بابري مسجد تي پنهنجو ڏمر ڪڍي رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي هن مسجد جو وجود مسماري، ڪيس اصلوڪي صورت، ڌرتيءَ جي روپ ۾ بدلائي ڇڏيو. هينئر اتي نه مسجد هئي نه مندر، صرف ڌرتي هئي.

اهو نظارو ڏسي منهنجو کهاڻي لکڻ جو موڊ آف ٿي ويو. منهنجو ليکڪ ذهن کهاڻي لکڻ بجاءِ، تاريخ جي ورقن ۾ کوهجي ويو. هندستان جي آڳاٽن راجائن ۽ رياستن ۾ لاڳاپا ۽ ايڪتا نه هئڻ سبب ٻاهريان ملڪ ڪاهون ڪري آيا ۽ لٽ ڦر ڪري، مال غنيمت سمجهي، پنهنجي ملڪ کڻي ويا. اهڙيءَ ريت ايراني، تاتاري، ترڪ، منگول، مغل، غلجي، پورچوگيز، فرينچ ۽ انگريز، حملو ڪري، مال سان گڏ ملڪ به قبضائي ويٺا. جن به ڌارين قومن هندستان تي حملو ڪيو ان پنهنجا مذهبي ۽ ثقافتي اثر ڀارتواسين

ڪهاڻي سرد لاش جو سفر ياد آئي جنهن ۾ فسادي جنوني ٽوليءَ وارن جي هڪ ڇوڪريءَ سان ساموهڪ بلاتڪار ٿا ڪن. مون کي اها انگريزي فلم ”نو وومين“ به ياد آئي جنهن ۾ اَٽالين ليکڪ ڏيکاريو هو ته جنگ هلندي، هڪ گرجا گهر اندر، سپاهين هڪ صغير ڇوڪريءَ سان ساموهڪ بلاتڪار ڪيو هو.

اهو سوچيندي منهنجو ذهن ڏان ...ڏان ڪرڻ لڳو. سوچڻ لڳس ته ائين ڇو هو ته جڏهن به جهيڙو، فساد يا جنگ لڳي ٿي ته سڀ کان وڌيڪ عورتون ئي ان جو شڪار ٿيون هيون! تاريخ به ان ڳالهه جي شاهد هئي ...

مان پريم ڪهاڻي لکڻ ويهي ويس. مون کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي نائڪا ياد آئي جا الائي ته ڪهڙيءَ جاءِ جي هئي. ليڪن هوءَ اهڙي سهڻي، موهڻي ۽ سٺي هئي جو مون کان هن جي ذات پات وسري وئي هئي. هن جي باري ۾ سوچڻ سان ذهن ۾ رابيل جي گلن جي سرهاڻ ڀرجي ٿي وئي ...

منهنجي دل مان هن لاءِ دعا ٿي نڪري! ✽

[پونڇي]



Factory : 119/3, Dharmani House, Ulhasnagar-1. Tel. 74511

With Best Compliments

Of :-

National Engineering Works

Manufacturers of :

Automatic Biscuit Making Plants & Biscuit Roller Dies on Pentograph Machines

Ulhasnagar-3. Phone : 70226-71312



WITH
BEST
COMPLIMENTS
FROM,

Pahlumal Chetandas Vaswani

Ex. Municipal Councillor

ULHASNAGAR-3.

SINDHI TIMES
(Registered as a newspaper in India)
Registered No. 6372/32
Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre Payment Licence No. 10



ماتا جا اوراڻا

گلوڪار: شيلا منگتاڻي

Achha Var Kara Bhanwa

By Hari Motwani 'Sindhi'

Sindhi Times Publicatio

(Quaterly Book Series July - Aug.- Sept.- 1